روضي پاڪ رسول جي ﷺ

نعتيه ڪلام



مصنف
الحاج رحيم بخش قمر
نوابشاهي

احباب پبليڪيشن - اردو بازار چوتڪي گهٽي حيدرآباد

صاحب خان "سورھ" ميراڻي

Cell No: 0344 - 3919786

Cell No: 0300 - 3404488

ايڊمن : فيس بوڪ پيج ۽

Soorih Sindhi Adab

واٽس ايپ گروپ

روضي پاڪ رسول جي

(صلى الله عليه وسلم)

نعتيه ڪلام جو مجموعو

> اڄ پڙ اُتر پار ڏي، ڪڪر ٽو ڪري،
> ”روضي پاڪ رسول جي“ پلٽيو پٽ پري،
> وڄڻ ماڻ وري، ته سنگهارئين سڪ ٿئي.
>
> — شاهه عليه الرحمة

مصنف:

الحاج رحيم بخش ”قمر“ بن محمد عيسيٰ لاڪو

گلزار مسجد شريف، نواب

ڇپائيندڙ:

اباب پبليڪيشنز

اردو بازار، چونڪي گهٽي -

ڇاپو	سال	تعداد	هديو
پهريون	جنوري 1983ع	1000	10-00

ڇپيندڙ: نيو گرين پرنٽرس، حاجي شاهه چونڪ، صدر، حيدرآباد

پيش لفظ

الحاج رحيم بخش "قمر" صاحب مدظلهٗ العالي جو لکيل ڪتاب "روضي پاڪ رسول جي" (ﷺ)، پنهنجي اداره جي طرفان ڇپائي، اوهان جي خدمت ۾ پيش ڪري رهيا آهيون. مذڪوره ڪتاب نعتيہ ڪلام جو مجموعو آهي. الحاج رحيم بخش قمر صاحب جن سنڌ سونهاريءَ جا ڪهنہ مشق شاعر ۽ اديب آهن ۽ هئي پاسي علوم قرآن و حديث، فقه ۽ منطق وغيره تي چڱيءَ دسترس پڻ رکن ٿا، ۽ ڪيترن ئي ڪتابن جا مصنف آهن. پاڻ عشق رسول ﷺ سان سرشار آهن؛ انهيءَ ڪري سندن چيل ڪلام ۾ عشق محمدي ﷺ جو دريا موجزن آهي. حمد ۽ نعت چوڻ دراصل عبادت آهي ۽ ايمان ڪامل ۽ صحت مند ذهن جي علامت. جيڪو شخص حمد ۽ نعت چوڻ کان محروم آهي، اهو دراصل شاعرن جي صف ۾ بہ شمار ٿيڻ جي لائق نہ ٿو رهي.

هيءَ سعادت خدا تعالىٰ جي طرفان اسان جي نصيب ۾ لکيل هئي، جو اسان سندن حبيبِ پاڪ رحمة للعالمين، فخرِ موجودات، سرورِ ڪائنات جي شانِ اقدس ۾ هن ڀلاري مهيني ربيع الاول ۾، هي املهہ ڪتاب ڇپائي، پڌرو ڪري رهيا آهيون. شل اسان جو هي عقيدت جو نذرانو بارگاهِ نبويءَ ۾، قبوليت جو شرف حاصل ڪري ۽ فلاحِ دارين جو سبب بڻجي — آمين!

مورخہ ١١- ربيع الاول ١٤٠٣هہ

— سيد ساجد علي حسني

احباب پبليڪيشنس - حيدرآباد

فهرست

عنوان	صفحو
اول الله عليم!	١
عشق جو آواز:	١٢
مفتي عبدالرحيم سڪندري.	
پرينءَ جي پچار	١٤
مولانا عبدالرسول قادري.	
وصال جا ورق:	١٧
خطيب پاڪستان مولانا	
محمد ادريس ڏاهري.	
پرک	٢٠
تاج الشعراء ڊاڪٽر الحاج	
شيخ محمد ابراهيم خليل	
الله تعاليٰ سندن ذاڪر	٣٠
پاڻ جهانن لاءِ رحمت	٣٠
سندن منهن مبارڪ ۽	٣١
وارن مبارڪ جو قسم	
الله تعاليٰ ڪين قرآن	٣٢
ڪريم سيکاريو آهي.	
احاديث پاڪ	٣٤
احاديث قدسي.	٣٥
ڀاڱو پهريون	
الله جل جلاله	٣٧
صلو عليه و آله	٣٨

عنوان	صفحو
لک صلواتون ۽ سلام	
صفحو ٥٤ کان	٥٥
محبوب مرسل جا	٥٦
بسم الله	٥٧
ميلاد نبيءَ سان	٥٩
سائينءَ جي ساراهه	٦٠
ڀاڱو ٻيو	
روضي پاڪ رسول جي	
محمد ﷺ جو روضو	٦٢
مديني ۾	٦٣
مديني ۾	٦٤
گلستانِ مدينه	٦٥
سبز روضو	٦٦
ڪاش مديني ۾	٦٧
هجان ها.	
رحمة للعالمين	٦٨
ڀاڱو ٽيون	
يادِ محمد ﷺ	٧٠
محمد نه ٿئي ها....	٧١
رسول ڪريم ﷺ	٧٣
الله جو مهمان	٧٥

عنوان	صفحو
گلستانِ محمد ﷺ	٧٧
روئي محمد ﷺ	٧٨
روئي محمد ﷺ	٧٩
جنابِ محمد ﷺ	٨٠
انوارِ محمد ﷺ	٨١
محمد ﷺ	٨٢
انوارِ محمد ﷺ	٨٣
صلِ علىٰ	٨٤
صلو عليه و آله	٨٥
صلى الله عليه و سلم	٨٦
احمد (ﷺ) قريشي	٨٧
محمد كريم ﷺ	٨٨
اچي رس يا رسول الله ﷺ	٨٩
مڪان ڪان لامڪان	٩٠
تائين	
ڪونجن جون قطارون	٩٢
عالم ڇا چئجي؟	٤٩
ميلادِ محمد ﷺ	٩٦

عنوان	صفحو
معراجِ محمد ﷺ	٩٧
رحمة للعالمين ﷺ	١٠١
دم ٽين پورا	١٠٤
روضي پاڪ رسجي	١٠٥
مثنوي مبارڪ	١٠٦
محمد ﷺ	١١١
سرتاج سونهارو	١١٣
مير محمد ﷺ	١١٤
وس وس ڪڪر وس	١١٦
جتي مديني جو چام	١١٧
آيو گهوٽ عربي	١١٨
آيو مديني جو چام	١١٩
پرين پسڻ ٽي وڃان	١٢٠
ڪيون ڪعبي جو طواف	١٢١
روضي ۾ رسول الله ﷺ	١٢٢
آڪار تون	١٢٣

بسم الله الرحمن الرحيم

اول الله عليم

سيدالمرسلين، خاتم النبيين، رحمت للعالمين، راحت للعاشقين، الله تعاليٰ جو نور، نور سان پرپور، جهانن جو بشير، عالمين جو نذير، سراجاً منير، مديني جو مير، رسولن جو رسول، لولاڪ جي تاجدار، معراج جي مالڪ، ٻنهي جهانن جي سردار، مقام محمود جي مٿيادار، ڪونين جي ڪارڻي، گنهگارن جي شفيع، رحمت ڏٺي رفيع، فخرموجودات، هميشه حيات، ذات بابرڪات، اول ۽ آخر، ظاهر ۽ باطن، ڪوثر جي صاحب، ماڪان و مايڪون جي عالم، غيب جي ڄاڻندڙ نبي، سميع ۽ بصير، اصحابن جو آفتاب، مخلوقات جو ماهتاب، ڪعبي جي ڪعبي، حسنين ڪريمن جي ناني، طيبه ۽ طاهره، پاڪدامن ۽ پارسا، سيده فاطمه سلام الله عليها جي والد، ساجده ۽ عابده، پاڪدامن ۽ پارسا، سيده ام المومنين، عائشه صديقه صلواة الله تعاليٰ عليها جن جي گهوٽ، جناب محمد مصطفيٰ ﷺ جن جي حضور پرنور ۾ ڪچو ڦڪو ڪتي، اڻ پوري آتڻ ۾ ويهي، رنڊا

روڙيا اٿم، هيڪاندو آسرو اٿم تہ ڪريم ڪارڻي جن پنهنجي ڪرم سان، اڻ توريو اگهائيندا.

"ٿلهي ۽ ٿوري، ويچاريءَ سان وڙ ٿيو." جي مصداق مون حقير پرتقصير گنهگار تي پنهنجي رحمت سان شفاعت ڪندا ۽ ٻنهي جهانن ۾، ڏيئي پاند پناهہ جو، ڏکڻ ٿي، ڏلايون ڏڪيندا. پنهنجي پيرانديءَ مبارڪ ۾ مون کي تربت نصيب فرمائيندا.

"سسئي جي سريءَ سان، ڪيچ ڏٺي ڪانڌي،
لکن تـان لطيف چئي، آرياڻـــي آنـــدي،
پنهونءَ پيراندي، نماڻـــيءَ نصيب ٿئي."

پڇاڙيءَ ۾ انهن مهربانن ۽ قربدارن، هرهڪ علامہ مفتي عبدالرحيم سڪندري صاحب، برادرم مولاناعبدالرسول صاحب قادري مگسي، ابوالبيان خطيبِ پاڪستان علامہ الحاج مولانا محمد ادريس صاحب ۽ تاج الشعراء الحاج ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم صاحب "خليل" بيان ڪيل سڀني سڄڻن جو ٿورائتو آهيان، جن پنهنجو قيمتي وقت سيڙائـي، هـن ڪتاب "روضي پاڪ رسول جي" متعلق پنهنجا املهہ رايا لکي عنايت ڪيا آهن.

"ٿورا نہ ٿورا، مون تي ماروئڙن جا!"

سچي سائينءَ جون سهسين ثنائون ۽ هـزارين حمد جنهن هن ڪتاب "روضي پاڪ رسول جي" لکڻ جي سگهہ عطا فرمائي آهي. حقيقت ۾ هن کان پهرين بہ چوڏهن ڪن ڪتاب

شايع ٿي چڪا اٿم، جن ڪي سنڌي سچڻ جي ۾ جايون ڏنيون آهن. اميد آهي ته اڳين ڪتابن وانگر، هي ڪتاب به سنڌي ساهت جا سچڻ اڻ توريو اگهائي، قبول ڪندا.

پڇاڙيءَ ۾ عرض هيءُ آهي ته رسول ﷺ جن جي ساراهه لکڻ ۽ پڙهڻ کان تمام مٿاهين آهي، انهيءَ سلسلي ۾ وڻ قلم ڪيا وڃن، سمورا سمنڊ ۽ دريا مس ڪيا وڃن، ڌرتي ۽ ست ئي آسمان ورق ڪيا وڃن، ملائڪ، ماڻهو ۽ جن وغيره سمورا لکڻ ويهن، تڏهن به سندن ساراهه لکڻ ناممڪن آهي؛ ڇاڪاڻ ته پنهنجي محبوب ڪريم جو، خداءِ ذوالجلال والاڪرام خود ذاڪر ۽ ساراهيندڙ آهي.

— فقير رحيم بخش ”قمر“ لاکو ذوابشاهي

عشق جو آواز

فاضل نوجوان مولانا مفتي عبدالرحيم صاحب
سڪندري (شاهپور چاڪر، سنڌ.)

مولاي صلِ وسلم دائماً ابداً
علیٰ حبيبڪ خير الخلق ڪلهم.

محبوب ڪريم، رؤف رحيم ﷺ جن جي نعت شريف، ايمان وارن لاءِ بهترين سرمايو آهي. خيرالقرون کان وٺي، اڄ تائين لکين نعت گو عقيدت جو اظهار ڪندا رهيا آهن؛ انهن پنهنجي فصيح ۽ بليغ ڪلام ذريعي محبوبن ڪريمن ﷺ جن جو شان وڌايو ته ڪونهي؛ بلڪ انهن جي ڪلام جو شان ايترو ته بلند ٿيو آهي، جو هرهڪ عاشق سندن ڪلام کي حرز جان بڻايو وتي ۽ پنهنجي ڦٽيل دل لاءِ اهو ڪلام علاج ۽ تسڪين خاطر ڳائيندا ۽ جهونگاريندا وتن.

"ما ان مدحتِ محمد بمقالتي،
ولٰڪن مدحت مقالتي محمد"

الحاج مولانا رحيم بخش "قمر" صاحب مدظله العاليٰ جو نعتيه مجموعو "روضي پاڪ رسول جي" نظر کان

گذريو، پڙهي روح کي راحت رسي ويئي. محبت وارا جڏهن هن نعتيه مجموعي کي پڙهندا ته سندن عشق ۾ آميد ته اضافو اچي ويندو. الله تعاليٰ "قمر" صاحب کي اڳيا به مزيد توفيق عطا فرمائي، جو اهڙا محبت ڀريا مجموعا شايع ڪرائي، ڪنيل دلين جو علاج مهيا ڪندا رهن. فقير راقم الحروف به هن مجموعي تي تبرڪ حاصل ڪرڻ خاطر چند سٽون لکيون آهن.

"نه تنها هست "جامی" نعت خوانش،
خدائے ما ثنا خـــوانِ محمد (صلی اللہ علیہ وسلم).

پرينءَ جي پچار

حضرت مولانا عبدالرسول صاحب قادري مگسي

(ڳوٺ ڏڙي مگسي، لڳ سڪرنڊ، سنڌ)

هيءَ ڪائنات جنهن حبيب خدا ﷺ جي ڪري پيدا ٿي، ان ڪائنات جي مالڪ، خالق، پنهنجي حبيب ﷺ جن جي تابعداري کي پنهنجي اطاعت قرار ڏنو. ان حبيب ڪريم جن جي اشاري سان چنڊ چيرجي پيو. حيدر ڪرار جي نماز واسطي لٿل سج کي واپس ورايو، پٿرن سڪ سان سلام ڪيو، وڻن جهڪي فرمانبرداريءَ جو حق ادا ڪيو، جانورن سندن حضور ۾ داد رسي جي دانهن ڏني، پکين ان حبيب خدا سان پيار ڪيو. پاڻ سونهارن جي هڪ غلام حضرت سفينه رضي الله عنه کي شينهن ڪاڻ بجاءِ دڳ لاتو. پٿرين سندن رسالت جي شاهدي ڏني. ملائڪن ان سان محبت ڪئي. انسانن، ان حبيب تان سر ساهه صدقي ڪيا. ان حبيب خدا صلي الله عليه وسلم پنهنجي جسم ۽ روح مبارڪ سان فرش کان وٺي عرش ۽ لامڪان جو سير ڪيو ۽ خالق ڪائنات جو ديدار ڪيو ۽ خود خالق ڪائنات ان حبيب ڪريم صلي الله عليه وسلم جي مٿان درود ۽ سلام موڪليو. سو انسان عاجز ان محبوب جي

مدح سرائي جو حق ادا ڪري ڪٿي ٿو سگهي؟ پر جڏهن سيدنا حسان بن ثابت رضي الله عنه حضور پُر نور جن جي مدح ۾ ساراهه بيان ٿو ڪري ته، پاڻ سونهارا، ڪيس منبر جو شرف ٿا بخشين ۽ سندس لاءِ "روح الامين" يعني سيدنا جبريل عليه السلام سان تائيد فرمائين ٿا. حضرت امام بوصيري رحمة الله عليه، صاحب قصيده برده شريف، محبوب صلي الله عليه وسلم جي مدح ۾ اشعار پڙهي ٿو ته، فالج کان ڇوٽڪارو حاصل ڪري ٿو، نه رڳو ايترو بلڪ رحمة للعالمين صلي الله عليه و سلم جن، کيس چادر مبارک جي سهڻي سوکڙيءَ سان سرفراز ڪري ڇڏيو. سنڌ جي سرتاج اڄ دار لطيف ڀٽائي گهوٽ عليه الرحمة حن به، پنهنجي محبوب مدني صلي الله عليه وسلم جي مدح بيان ڪري، سڪ ۽ سوز سان سڏڙا ڪيا آهن؛ اهڙيءَ ريت، هي "قمر" سائين جو مجموعو ڪلام به ان محبوب مدني، مديني جي مير صلي الله عليه و سلم جن جي مدح سرائي ۽ ساراهه ۾ آهي. ان ۾ سڪ ۽ سوز سمايل آهي. ڪتاب جو نالو شاهه سائين جي هڪ بيت مان ورتل آهي:-

اڄ پڻ اتر پار ڏي، ڪکر ٿو ڪري،
"روضي پاڪ رسول جي"، پلٽيو پٽ پري،
وڄڻ ساڻ وري، ته سڳهارئين سک ٿئي.

جيئن ته هن کان اڳ ۾ به "قمر" سائين ڪتاب

لکي ۽ شايع ڪري چڪو آهي، جن جو قدردانن
قدر ڪيو ۽ عام و خاص ۾ مقبول ٿيا آهن. اهڙيءَ
طرح هي ڪتاب "روضي پاڪ رسول جي" ۾ محبوب
ﷺ جن جي دربار ۾ قبوليت جو شرف حاصل ڪندو
۽ پارکو پيار سان پرکي، اکين تي رکي، دل ٺارينداه.

"محبت پائي من ۾، رنڊا روڙيا جن،
تن جـــو صرافن، اٺ توريو اگهائيو."

وصال جا ورق

ابوالبيان، خطيب پاڪستان، الحاج حضرت مولانا
علامہ محمد ادريس صاحب ڏاهري مدظلہ العالي
(مدرسہ جامعہ محمديہ - شاهپور جهانيان، ضلع نوابشاه)

بسم الله الرحمٰن الرحيم

نحمده و نصلي علىٰ رسوله الڪريم

چاڻ گهرجي تہ قرآن ڪريم ۽ سنت پاڪ جي روشنيءَ ۾، جيڪڏهن ڏٺو وڃي تہ شعر جا ٻہ قسم آهن. هڪ اهو، جيڪو قبيح ۽ ناجائز هجي، جيڪو فحاشيت، بي حيائي، لادينيت ۽ دهريت جي مضمونن تي مشتمل هجي، جنهن جي ملامت، مزمت ۽ ڦٽڪار ۾ سورة الشعراء ۾ هن ريت آيل آهي:

"والشعرآءُ يتبعهم الغاوٗن — ۽ گمراهہ ماڻهو ئي شاعرن جي تابعداري ڪندا آهن."

انهيءَ سلسلي ۾ شعر جو ٻيو قسم اهو آهي، جنهن جو مضمون الله تعالىٰ جي حمد و ساراهہ ۽ رحمت للعالمين ﷺ جن جي ساراهہ ۽ نعت سان گڏ، نيڪ نصيحت ۽ هدايت جي ترغيب تي مشتمل هجي. اهڙن صالحن

شاعرن کي بيان ڪيل آيت مبارڪ مان
"إلا الذين آمنوا و عملوا الصالحات و ذکرالله کثيرا"
فرمائي مستثنيٰ ڪيو ويو آهي. لکيل آيت جو ترجمو
ملاحظہ فرمائيندا:

"سواءِ ان جي جن (شاعرن) ايمان آندو ۽
صالح عمل ڪيا ۽ الله تعاليٰ کي (شعر ۾)
گهڻو ياد ڪيائون."

حاصل هيءُ آهي ته هُھڙا نيڪ ۽ اطهر اشعار پڙهڻ،
رسول الله ﷺ جن جي سنت آهي ۽ اهڙا شعر ٺاهڻ،
سنت صحابهء ڪرام رضي الله عنهم آهي. اهو ئي سبب
آهي، جو هر دؤر ۾ اهڙا نيڪ ۽ صالح شاعر ٿيندا
آيا آهن ۽ قيامت تائين ٿيندا رهندا، جن جي اشعار
پڙهڻ ۽ پڙهڻ سان، روح ۽ قلب کي قرار ملندو آهي.
مثال طور حضرت حسان بن ثابت، حضرت ڪعب
بن زهير رضي الله عنهما، حضرت علامه جلال الدين
رومي، علامه جامي، مولانا سعدي، حضرت شاهہ عبداللطيف
ڀٽائي، سچل سرمست ۽ بيدل فقير رحمت الله عليهم.
ان سلسلي ۾ موجوده دؤر جي مايهء ناز شاعر جناب
مولانا الحاج رحيم بخش "قمر" صاحب جن جي اشعار
کي غور سان مطالعو ڪجي ٿو ته ان جا مضمون
تمام سهڻا، عشق الاهي ۽ عشق مصطفيٰ ﷺ سان
ڀرپور آهن. شامل ڪيل نعتيہ اشعار مان هرهڪ شعر
پرسوز، پرڪيف ۽ حقيقت تي مبني آهي، جنهن ۾

سچي سائينءَ جي سارا هه به آهي ته نور خدا محمد مصطفيٰ ﷺ جن جي ثنا ۽ نعت به آهي. ان سان گڏ، مسلمانن لاءِ هدايتون، نيڪ نصيحتون، مواعظ حسنه به، ۽ سڄي قوم کي سجاڳيءَ جو سڏ ۽ هڪ انقلابي پيغام پڻ آهي. حاجي صاحب جن جو مزاج صوفيانه، سالڪانه، عارفانه ۽ عاشقانه آهي؛ ان ڪري سندن شعر ۾ به ساڳيو ئي روحاني رنگ نمايان آهي. جهڙيءَ ريت ڊاڪٽر اقبال مرحوم جي ڪلام ۾، مولانا رومي عليه الرحمت جو رنگ نظر اچي ٿو، اهڙيءَ ريت قبله حاجي قمر صاحب جي شاعريءَ ۾ وري سنڌ جي سرتاج، لجادار لطيف عليه الرحمة جي اشعار جو اثر نظر اچي ٿو. سندن تصنيفات بابرڪات مان جيڪي به ڪتاب ادبي مارڪيٽ ۾ آيا آهن، انهن جا نالا به ماخذ شاهه جا ابيات آهن، جن مان ڪن جا نالا ملاحظه فرمائيندا: ”ڪٿي نيڻ خمار مان“، ”تندون جي طلب جون“، ”آءُ نه ڪڏي پرينءَ ڪي“، ”محبت جي ميدان ۾“، ”گهايا گهٽا گهوٽ“ وغيره ۽ زير نظر ڪتاب جو نالو ”روضي پاڪ رسول (صلعم) جي“ آهي.

قمر صاحب جن جو شعر سنڌي سڄڻن لاءِ سهڻي سوکڙي آهي. هونئن به قمر صاحب قادرالڪلام ۽ صاحب ديوان شاعر آهي. شال رب الاڪرم، صاحب موصوف کي ديني، دنيوي ۽ آخروي نعمتن سان نوازي ۽ سندن هرهڪ شعر کي مزيد مقبوليت جو شرف عطا فرمائي. آمين— ربنا رب العالمين!

پرک

تاج الشعراء، محسنِ ادب، الحاج ڊاڪٽر محمد ابراهيم "خليل" صاحب حيدرآبادي

(مرحوم و مغفور)

نحمده' و نصلي عليٰ رسوله الڪريم.

محترم الحاج مولانا رحيم بخش قمر صاحب ٽيٽ پنهنجو ڌيان شاعريءَ جي ھن صنف ڪان ڦيري، نعت جي طرف آيو آهي، جو حقيقت ۾ هرهڪ مسلمان شاعر جو هئڻ گهرجي. مون تہ اڪثر هڪ نہ، پر ڪيترن اردو ٻوليءَ ۾ لکندڙ هندو شاعرن کي بهترين نعتون لکندڙ ڏٺو آهي. هڪ شاعر دلورام "ڪوثري" ڏٺم، جنهن سڄي عمر شاعري ڪئي، پر رڳو نعتون لکيائين. هڪ نعتيہ ديوان لکيائين، جنهن "ڪوثري" جي بدران پنهنجو اصل نالو "دلورام" تخلص آندائين؛ ڇاڪاڻ تہ اهو ديوان غيرمنقوطہ نعتيہ ديوان هو، جنهن "ڪوثري" تخلص اچي ڪين ٿي سگهيو.

ٿوري دير جي لاءِ نهايت سنجيدگيءَ سان نعت جي طرف ڌيان ڏبو تہ معلوم ٿيندو تہ اها اسان جي شاعريءَ جي هڪ نهايت پاڪيزه صنف آهي.

نعت گوئيءَ جو اصل مقصد آنحضرت صلی اللہ علیہ وسلم جن سان

محبت جو اظهار ڪرڻ آهي. اهو ئي سبب آهي، جو عربي، فارسي، اردو، سنڌي ۽ ٻين ٻولين جا مسلمان شاعر نعت جي صورت ۾ حضور اڪرم ﷺ جن سان پنهنجي عقيدت جو اظهار ۽ انساني زندگيءَ تي ان جي احسانات جو اعتراف نه ڪيو هجي.

نعت عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ تعريف يا وصف بيان ڪرڻ جي آهي؛ پر ادب ۽ اصطلاحِ شاعريءَ ۾ نعت جو لفظ پنهنجي مخصوص معنيٰ رکي ٿو، يعني رڳو آنحضرت جن جي مدح، شاعريءَ ۾ مراد ورتي وڃي ٿي؛ پر جيڪڏهن ڪنهن ٻئي بزرگ يا صحابيءَ يا امام جي تعريف بيان ڪئي وڃي ته ان کي منقبت چئبو.

آنحضرت ﷺ جي اها مدح چاهي قصيده، مثنوي، غزل، رباعي، قطعه، مسدس يا مخمس وغيره مان ڪنهن ۾ به هجي ته ان کي نعت چئبو. نعت جو موضوع ظاهر ۾ گهڻو مختصر نظر اچي ٿو؛ انهيءَ ڪري، جو ان جون حدون حضور ﷺ جن جي زندگيءَ ۽ سيرت مبارڪ کان اڳتي نٿيون وڃن؛ پر غور ڪرڻ سان اندازو ٿيندو ته نعت جو موضوع حقيقتاً هڪڙو تمام عظيم ۽ وسيع موضوع آهي. عظيم انهيءَ لاءِ ته ان جو واسطو دنيا جي عظيم ترين شخصيت ۽ محسنِ انسانيت سان آهي، جو ڪنهن خاص قوم يا گروهه جي لاءِ نه آهي؛ بلڪ سڀني اقوامِ عالم جي لاءِ رحمت

پنهنجي آيو هو ۽ خود الله تعاليٰ قرآن حڪيم ۾ جڳهه جڳهه تي ان جا اوصاف بيان ڪيا آهن.

جيستائين موضوع جي وسعت جو واسطو آهي، ان ۾ آنحضرت ﷺ جن جي زندگي ۽ سيرت مبارڪ جي ذريعي سان انساني زندگيءَ جي سڀني ثقافتي ۽ تهذيبي پهلو ۽ سماجي ۽ سياسي بحث در آيا آهن. هيءَ جدا ڳالهه آهي ته بيشتر شاعرن عموماً حضور اڪرم ﷺ جن جي حليهءِ اقدس، واقعهءِ معراج ۽ معجزات کي پنهنجي ڏيان جو مرڪز بنايو آهي؛ پر حقيقت ۾ نعت جي موضوع جو دائرو ان کان گهڻو وسيع آهي. ان ۾ شمائل ۽ فضائل سان گڏوگڏ معمولاتِ نبوي، غزواتِ نبوي، آدابِ مجالس نبوي، پيغاماتِ نبوي ۽ اخلاقِ نبوي جا بي شمار پهلو شامل آهن. حسنِ عمل، حسنِ سلوڪ، حسنِ خيال، حسنِ بيان ۽ حسنِ معامله کان وٺي، عدل و انصاف، جود و سخا، ايثار و احسان، سادگي و بي تڪلفي، شرم و حيا، شجاعت و ديانت، عزم و استقلال، مساوات و تواضع، مهمان نوازي و ايفاء عهد، زهد و قناعت، عفو و حلم، رحم و ڪرم، شفقت و مروت، عبادت و تعزيت، رقيق القلبي، و جان گدازي، رحمت و مڪرمت، لطفِ طبع و لطفِ سخن ۽ انساني همدردي و غمگساريءَ تائين تمدني زندگيءَ جو ڪهڙو پهلو ۽ ڪهڙو رخ آهي، جنهن جي ترويج و تزئين ۽ تطهير جو سامان نعت جي موضوع جي اندر نه آهي.

سچي ڳالهه ته هيءَ آهي ته عظمت انسانيءَ جا جيترا گيت اڄ سوڌو ڳائڻ ۾ آيا آهن، سي آنحضرت ﷺ جن جي رحمت للعالمين جي هڪ ادنيٰ جزو جي حيثيت رکن ٿا.

اسان وٽ نعتيه شاعري آهي يا اهڙي شاعري، جنهن جي موضوع جو واسطو اسلام يا اسلامي قدر ۽ روايات سان هجي ته وڌيڪ لائق خيال نٿي ڪئي وڃي.

حقيقت ۾ نعت چوڻ جو ٻهريون محرڪ مسلمانن جو هي عقيدو رهيو آهي ته آنحضرت ﷺ جن جو ذڪر وغيره ڪرڻ، سندن سيرت ۽ شخصيت کان عام ماڻهن کي واقف ڪرائڻ، سندن پيروي ۽ تقليد جي ترغيب ڏيڻ ۽ سندن نالي مبارڪ تي درود ۽ سلام موڪلڻ، ثواب جو ڪم ۽ ڇوٽڪاري جو ذريعو آهي. ان ثواب جي ڪم ۽ ڇوٽڪاري جي ذريعي جي خاطر، تحرير ۽ تقرير ٻنهي ۾ هر شخص پنهنجي دسترس مطابق رسول ﷺ جن کي جڳهه ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. نتيجو اهو ٿيو ته ڪن مفڪرانه تقريرون ۽ عالمانه خطبا يادگار ڇڏيا. ڪن سيرت نبوي تي بلند پايه ڪتاب تاليف ڪيا. ڪي وڏا وڏا نعتيه قصيدا ۽ نظم لکي، ڇڏي ويا. ڪن مولود شريف جي لاءِ ننڍا ننڍا ڪتاب نعتن جا لکي ڇڏيا.

هر سال نعتيه مشاعرا ۽ ميلاد ٿيڻ لڳا، حتيٰ ڪه وڏيون ڪانفرنسون به ٿيڻ لڳيون، جن ۾ به نعتيه

مشاعرا ڏاڍا احتياط سان ٿيڻ لڳا. نتيجو اهو ٿيو، جو نعت گوئي اسان وٽ تنهن وڏي، عورت، مرد ۽ پوڙهي، جوان سڀني جي ڌيان جو مرڪز بڻجي ويئي ۽ معياري ۽ غير معياري نعتن جو هڪ وڏو ذخيرو گڏ ٿي ويو.

فن جي لحاظ کان نعت ڪا جدا صنفِ سخن نه آهي؛ پر معنوي لحاظ کان اها مختلف ٿيو پوي؛ ڇاڪاڻ ته ٻين صنفِ سخن ۾ رڳو حسنِ عقيدت جي ضرورت هوندي آهي؛ پر نعت و منقبت ۾ حسنِ عقيدت به شامل هوندي آهي ۽ انهن ٻنهي جو گڏ نڀائڻ ڏاڍو ڏکيو آهي.

عشق جي ٻوليءَ ۾ ۽ عقيدت جي ٻوليءَ ۾ ڏسندؤ ته وڏو نازڪ فرق محسوس ٿيندو؛ انهن ٻنهي کي ملائڻ ڏاڍو ڏکيو ٿيندو؛ انهيءَ ڪري علم معاني ۽ بيان سڀني سخن جي صنفن کي معنوي خصوصيات جي لحاظ کان ان جي صفائي ڪئي ويئي آهي ته هر صنف جي هڪ ٻولي هوندي آهي، هڪ مخصوص لب و لهجو هوندو آهي. جيڪڏهن ان جو خيال نه رکيو ويندو ته ڪلام معيار کان ڪري پوندو. غزل جي ٻولي قصيدي کان، قصيدي جي ٻولي مثنوي کان، ۽ مثنوي جي ٻولي رباعيءَ کان هميشه مختلف هجڻ گهرجي ۽ انهيءَ خصوصيت جي پيش نظر هر شاعر جي فني حيثيت مقرر ڪئي وڃي ٿي.

سمجهائڻ لاءِ ان جا مثال ڏيون ٿا: شيخ سعدي

نهايت عمدو غزل گو شاعر ٿي گذريو آهي. قصيده لکيا اٿس؛ مگر ڪامياب قصيده نگار نہ آهي. خاقاني فارسي شاعر ڪامياب قصيده نگار هو؛ پر غزل گو نہ ٿي سگهيو. فارسي شاعر عرفي وري اهي خوب لکندو هو. اهڙيءَ طرح شاعر فردوسيءَ وري مثنوي ۾ ڪالو ڪڍيو.

مختصر هي تہ ڪنهن هڪڙي صنفِ سخن جو ڪم مخصوص اصطلاح يا لب و لهجو ۽ اندازِ بيان ٻي صنفِ سخن جي لاءِ موزون نٿو ٿي سگهي، مثلاً غزل ۾ جڏهن معشوق جو ذڪر ڪيو وڃي ٿو تہ ان جي شڪل و صورت ۽ عضون جي تعريف ۾ چنڊ، سج، تيغ و خنجر، تير و پيڪان، ان جو ناز و غمزه، دلربا ۽ جانستان ۽ ان جي صفات ۾ ستمگري، خونريزي، بي رحمي و سفاڪي وغيره جو ذڪر ۽ عاشقن جي ذڪر ۾ هجر و وصال، شڪوه و شڪايت ۽ محرومي و ناڪاميءَ جي اظهار جي سلسلي ۾ بهار ۽ خزان، بلبل ۽ صياد وغيره جو ذڪر ضروري سمجهيو وڃي ٿو؛ پر حمد، نعت ۽ منقبت ۾ اهي ڳالهيون نازيبا آهن؛ ڇاڪاڻ تہ انهن ٻنهي جو واسطو رڳو جذباتِ تقدس سان آهي ۽ ان ۾ فني تڪلفات سان ڪم نہ هلندو، مثلاً غزل ۾ اوهين پنهنجي معشوق کي تہ حسين يا مٺو، دلربا، خوش ادا، جانستان وغيره سڀ ڪجهہ

چئي سگهو ٿا؛ پر نعت يا منقبت ۾ انهن لفظن جو استعمال صفا بي محل آهي.

نعت لکڻ عام طرح شاعرن سولو سمجهيو آهي؛ ليڪن اهو ايترو سولو نہ آهي، جيترو شاعرن سمجهيو آهي؛ ڇاڪاڻ تہ شاعر جي فڪر جي پيرن ۾ جيڪڏهن ٿوري لغزش آئي تہ هو بجاءِ نعت جي 'حمد' ۽ 'منقبت' جي سرحدن ۾ وڃي پوندا؛ تنهن ڪري تمام ضروري آهي تہ هڪ شاعر عاشق ۽ رسول هئڻ گهرجي. معاملو اتي ئي ختم نہ ٿو ٿئي؛ بلڪ هڪ شاعر لاءِ نهايت ضروري آهي تہ هو توحيد، رسالت ۽ عبوديت جي نازڪ رشتن کي پوريءَ طرح سمجهندو هجي، پنهنجي جذبات و افڪار ۽ عقائد و خيالات جي اظهار ۽ انهن رشتن ۾ ڪامل هم آهنگي پيدا ڪري سگهندو هجي، اهو ئي قادر ڪلامي ۽ غير معمولي طباعي جي باوصف نعت گوئي جي منصب ڪان حقيقي معنيٰ ۾ عهده برآ ٿي سگهي ٿو.

مولانا رحيم بخش قمر نعتن لکڻ ۾ پاڻ کي چڱيءَ طرح ملهايو آهي. فارسي يا سنڌيءَ جي تتبع تي جيڪي بہ مولود لکيا اٿس، تن ۾ ٻولي ۽ بيان جي شگفتگي ۽ قادرالڪلامي جو شان نهايت عمدو نظر ٿو اچي. ننڍو بحر هجي يا وڏو، هن جي طبيعت درياءَ وانگر وهندي نظر اچي ٿي.

سنڌس ڪلام جو غور سان مطالعو ڪيو ويندو

ته معلوم ٿيندو ته ان ۾ نعتيه قصيده ۽ مثنويون به نظر اينديون. جيتوڻيڪ زياده ڏيان نعتيه غزل يا نظم ڏي ڪيو ائس ۽ سنڌي طرز تي به نعتون لکيون ائس: انهيءَ ڪري ٻين سنڌي شاعرن جي نعتيه ڪلام کان سندس ڪلام واضح ٿيو پوي.

اڄ تائين سنڌي شاعرن نعت جي موضوع سان جنهن اونهي دلچسپيءَ جو اظهار ڪيو آهي ۽ پنهنجي نگاهه سان پنهنجي ڪلام ۾ حب رسول کي جڳهه ڏني آهي، ان کي پهريائين پهريائين شاعريءَ جي بلند حد تائين پهچائڻ ۾ مولانا رحيم بخش قمر جو گهڻو هٿ رهيو آهي.

ڏسڻ ۾ ائين پيو اچي، ڇڻ قمر صاحب نعت گوئي کي سنجيدگيءَ سان هڪ مستقل فن جي حيثيت سان پنهنجو ڪيو آهي: بلڪ ان کي پوري ڌيان ۽ شعور سان پنهنجي فڪر ۽ فن جي جولانگاهه بڻايو آهي: ڇاڪاڻ ته ڏسان ٿو ته نعتن جو هڪ چڱو وڏو تعداد لکيل آهي، جي نه رڳو فارسي طرز تي غزلن، قصيدي ۽ مثنوي وغيره صنفن ۾ لکيل آهن: بلڪ سنڌيءَ جي نمونن تي به آهن ۽ نعت جي فن کي به ڪتب آندو ويو آهي ۽ اهڙي انفراديت سان، جو سنڌي شاعريءَ جي تاريخ ۾ ان کان پهرين ان جو مثال نظر اچي ٿو ۽ نه ان کان بعد.

”قمر“ صاحب جون نعتون متغزلانه ۽ عاشقانه فضا

رکڻ جي باوجود عام طور تي آياتِ قرآني ۽ احاديثِ نبوي جي ئي ترجمان رهن ٿيون. نعت پڙهندي وقت ڏسندا ته ان جي هر بيان ۾ طبع جي شگفتگي ۽ زنده دليءَ جي برقي روشني پنهنجو چمڪو ڏيکاري ٿي. ان جي نعتن ۾ مضمون جي بلند پروازي، لفظن جو شان ۽ شڪول، بندش جي چستي ان جي طبيعت جي عادت آهي.

"قمر" صاحب جي نعتيه ڪلام جي سڀ کان وڏي خوبي ۽ خصوصيت هيءَ نظر اچي ٿي ته ان جو ڪلام عام طرح سان سادي ٻوليءَ ۾ هوندو آهي؛ جنهن ۾ پاڪيزه جذبات هوندا آهن ۽ ڏاڍو دلڪش لڳندو آهي. پنهنجي ڪلام ۾ سلاست ۽ روانيءَ جو به چڱو خيال رکيو اٿس؛ ڇاڪاڻ ته دل ۾ هُرڪي پيو ته عوام جي لاءِ لکي رهيو آهيان. رڳو موزون طبع نه آهي؛ بلڪ خوش فڪر ۽ خوش مذاق شاعر به آهي.

ڏسڻ ۾ ائين پيو اچي ته "قمر" صاحب جي طبيعت کي نعت جي موضوع سان خاص نسبت آهي. ان سان گڏوگڏ هي ڳالهه، جا محسوس ٿئي ٿي، سا هيءَ ته ٻوليءَ ۽ بيان تي به خاصي قدرت رکي ٿو؛ تنهن ڪري ان جي سادگي به هڪ طرح پُرڪاري ڪنيو بيٺي آهي. اهائي پُرڪاري ڪڏهن نتيجو ٿي ٿئي، حسنِ بيان جو ۽ ڪڏهن حسنِ خيال جو.

نعت ۾ نظم جو هڪ نمونو سلام آهي، جو "قمر"

صاحب لکيو آهي. سلام ۾ سادگي، صفائي، اثر ۽ تاثير هجڻ گهرجي ۽ قبول عام هئڻ گهرجي. اهي ڳالهيون "قمر" صاحب جي ڪلام ۾ لڪل ڪين آهن.

نعت جيڪڏهن نظم جي صورت ۾ لکجي ته ان ۾ زندگيءَ جا اجزا ۽ واقعات ضرور هئڻ گهرجن ۽ پيون ڳالهيون به، جهڙوڪ پيدائش، ڪائنات جي خوشيءَ جون ڳالهيون، واقعهٔ معراج، سيرت و صورت ۽ واقعات و حالات، منظرڪشي ۽ واقعه نگاري وغيره. "قمر" صاحب جي نعتن جو غور سان مطالعو ڪيو ويندو ته انهن ڳالهين کان خالي نظر نه ايندين. اهڙيون ڳالهيون سنڌ جي پين نعت گو شاعرن ۾ گهٽ نظر اچن ٿيون.

151 لطيف آباد II حيدرآباد سنڌ خادم العلم

16_2_82 شيخ محمد ابراهيم "خليل"

بسم الله الرحمن الرحيم

الله تعاليٰ سندن ذاکر آهي:

"و رفعنا لک ذکرک."

اسان بلند ڪيو تو لاءِ، تنهنجي ذڪر کي.

(الم نشرح)

پاڻ الله تعاليٰ جو نور آهن:

قدجاءَ کم من الله نورٌ و کتابٌ مبين ٥

بيشڪ اوهان وٽ الله تعاليٰ جو نور ۽ پڌرو ڪتاب (قرآن) آيو آهي. (سورة المائده).

سمورن مفسرين سڳورن لکيو آهي ته نور مان مراد سيدنا محمد مصطفيٰ ﷺ جن آهن ۽ ڪتاب مان مراد، قرآن ڪريم آهي.

پاڻ جهانن لاءِ رحمت آهن:

و ما ارسلنٰک الا رحمة للعالمين ٥

۽ (اي محبوب) اسان توهان کي نه موڪليو آهي، مگر جهانن لاءِ رحمت ڪري.

(سورة الانبياءَ)

پاڻ غني ڪندڙ آهن:

آغنٰهم الله و رسوله' من فضله،

شاهوڪار ڪيو آهي، کين الله (تعاليٰ) ۽ ان

جي رسول (ڪريم) پنهنجي فضل سان (التوبه)

سندن عمر مبارڪ جو قسم:

لعمرک إنهم لفی سکرتهم يعمهون ٥

(اي محبوب!) اوهان جي عمر (مبارڪ) جو قسم! هو پنهنجي مستيءَ ۾ مدهوش (ٿي رهيا) هئا.

سندن منهن مبارڪ ۽ وارن مبارڪن جو قسم:

و الضحیٰ٥ و اليل إذا سجیٰ٥

مٿي آيل ڏينهن جو قسم آهي ۽ رات جو قسم آهي، جڏهن ڍڪي ٿي.

شاهه عبدالعزيز رحمة الله عليه جن پنهنجي تفسير "عزيزيءَ" ۾ لکيو آهي ته "مراد از ضحیٰ" روئے پيغمبر است، و از "ليل" موئے او است" يعني ضحیٰ مان مراد حضور اڪرم صلعم جن جو منهن مبارڪ آهي ۽ ليل مان مراد سندن وار مبارڪ خوشبودار آهن.

پاڻ ڪريمن جي اخلاق جي باري ۾:

و إنک لعلیٰ خلقٍ عظيم٥

۽ بيشڪ تون اعلیٰ اخلاق جي انتهائي عروج تي آهين. (القلم)

سندن شهر ۽ پيرن جي خاڪ جو قسم:

لا أقسم بهذا البلد، و أنت حلٌ بهذا البلد ٥ (البلد)

هن شهر (مڪي) جو قسم ڪٿان ٿو ۽ هن

(ڪري جو) تون هن شهر ۾ رهندر آهين.

ٻنائي گهوٽ جن بيان ڪيل آيت جو ترجمو اجهو هيئن ڪيو آهي:

قادر پاڻ قسم ڪيو، خاڪ قــدمــن جو ڪرتار،
اڪيون مينگهه ملهار، صورت تنهنجيءَ سپ جڳ موهيو.
(سر سارنگ)

سندن زماني مبارڪ جو قسم:

والعصرo

زماني جو قسم آهي، پاڻ اسان ۾ موجود آهن.

واعلموٓ آن فيڪم رسول اللهo

۽ ڄاڻو تہ الله جو رسول اوهان ۾ موجود آهي.
(الحجرات)

الله تعالىٰ ڪين قرآن ڪريم سيکاريو آهي:

الرحمٰن علم القرٰان o

رحمان ئي (ڪين) قرآن سيکاريو آهي.

سندن اطاعت، رب جي اطاعت آهي:

و من يطع الرسول فقد آطاع الله!

۽ جنهن رسول (ڪريم) جي اطاعت ڪئي،
تنهن ڄڻ الله تعالي جي اطاعت ڪئي.

لقد ڪان لڪم في رسول الله اسوةٌ حسنةٌo

بيشڪ اوهان لاءِ الله جي رسول جي پيروي ۾ سهڻو نمونو آهي.

إن الله و ملئكته يصلون على النبي يا يها الذين آمنوا صلوا عليه و سلموا تسليماً ٥

بيشڪ الله تعاليٰ ۽ سندس ملائڪ نبي ڪريم تي صلوات موڪليندا آهن، اي ايمان وارؤ! اوهان بہ مٿس صلوات پڙهو. (سورة الاحزاب)

اللهم صل عليٰ سيدنا و مولٰنا محمدٍ و عليٰ آل سيدنا محمدٍ كما صليت عليٰ سيدنا ابراهيم و عليٰ آل سيدنا ابراهيم انک حميد مجيد ٥

احاديث پاڪ

فوالله ما يخفىٰ علي رڪوعڪم ولا خشوعڪم ○
الله جو قسم، توهان جا رڪوع ۽ توهان
جا خشوع مون کان ڳجها ڪين آهن.
(بخاري شريف)

اول ما خلق الله نوري من النوره،
سڀ کان پهرين، الله تعاليٰ منهنجو نور پيدا
ڪرڻ فرمايو، پنهنجي نور مان.
(مواهب اللدنيه - روح البيان)

آقيموا صفوفڪم و تراصو فاني آراڪم من
وراء ظهري.
پاڻ فرمايائون: "صفن کي سڌو ڪريو ۽
ڳنڍجي بيهو؛ ڇاڪاڻ ته مان توهان کي
پويان به ڏسان ٿو." (بخاري شريف)

"ايڪم مثلي."
توهان مان ڪير مون جهڙو آهي.

آني آري ما لا ترون.
بيشڪ مان اهو ڏسان ٿو جيڪي اوهين
ڪونه ٿا ڏسو. (مشڪوات شريف)

احاديث قـدسي

لولاک لما خلقت الافلاک.
جيکڏهن تـون نـہ هجين ها تہ آسمان نہ
جوڙيان ها.
و لولاک لما آظهرت الربوبية
جيکڏهن تون نہ هجين ها تہ پنهنجي ربوبيت
(خدائي) پڌري نہ کريان ها.

آقديت ملکي عليک يا محمدؐ (صلعم).
(هيءَ) منهنجي بادشاهي، توهان تان فدا آهي.
مٿيون ٻئي قدسي حديثون، تفسير مفتاح رشد الله
وغيره ۾ موجود آهن.

"ڏکي ڏنائين، ٻئي سرائون سيد چئي"

من لدن العرش الیٰ تحت الشریٰ کلهم
يطلبون رضائي و آنا آطلب رضائک يامحمد (صلعم)
عرش کان وٺي، تحت الثریٰ تائين (رهندڙ)
مڙئي منهنجي رضا چاهين ٿا، ۽ مان تنهنجي
رضا چاهيان ٿو، اي محمد صلعم!
(ارشاد باري تعالیٰ، درحديث قدسي)

صاحب خان "سورھ" ميراڻي

Cell No: 0344 - 3919786

Cell No: 0300 - 3404488

ايڊمن : فيس بوڪ پيج ۽

Soorih Sindhi Adab

واٽس ايپ گروپ

تنهنجو شان جل جلاله

تنهنجو ڪرم ڪل تي ڪريم، تنهنجو شان جل جلاله
رحمان تون رازق، رحيم، تنهنجو شان جل جلاله

الله، تون اعليٰ احد، سبحان تون سائين صمد،
ڪل جي مٿان قائم قديم، تنهنجو شان جل جلاله

ساجد سڀئي، مسجود تون، مخلوق جو معبود تون،
سڀ ٿا چون "ربي عظيم"، تنهنجو شان جل جلاله

تنهنجو نڪو والدُ، ولدُ، قرآن ۾ ڪفواً احد،
ازلي خدا آهين عليم، تنهنجو شان جل جلاله

شمس و "قمر" ارض و سما، تو ڪُنْ چئي پيدا ڪيا،
هردم چوان، حاڪم، حڪيم، تنهنجو شان جل جلاله،
تنهنجو شان جل جلاله، تنهنجو شان جل جلاله.

صلوا عليه و آلہ

صلوا عليه و آلہ،
صلوا عليه و آلہ،

منهنجو محمّد مٺڙو جبين،
جو "رحمة للعالمين"،
بيشڪ رسيو عرش بريـن،
"بَلَغَ العُلىٰ بِكَمالِهٖ"،
صلوا عليه و آلہ۔

اڪمل ٿيو جنهن جو نظام،
"محمود" ٿيو جنهنجو مقام،
جنهن تي رسالت ٿي تمام،
"كَشَفَ الدُّجىٰ بِجَمالِهٖ"،
صلوا عليه و آلہ۔

منهنجو محمّد مير آهي،
ميرت سندس تنوير آهي،
قرآن جو تفسير آهي،
"حَسُنَتْ جَمِيعُ خِصالِهٖ"،
صلوا عليه و آلہ،

آيو محمّد مصطفىٰ،
ارضؔ و سما روشن ٿيا،
منهنجو نبي نورِ خدا،

"مشڪوات" ٿيا آمثالہ،
صلوا عليه و آلہ،

معبود، جو محبوب آهہ،
مخلوق جو مطلوب آهہ،
چنڊ ڪان وڌ، خوب آهہ،
"اُسْوَہ" ٿيا اعمالہ،
صلوا عليه و آلہ،

"لاتَرفَعُو اَصْوَاتَڪُم"،
اهڙو محمد محترم،
جنهن جا چمان قربٖون قدم،
شرق و غرب شمالہ،
صلوا عليه و آلہ،

جو انبيا جو آفتاب،
جو مرسلين جو ماهتاب،
جنهن تي لٿو اُم الڪتاب،
محبوب ذوالجلالہ،
صلوا عليه و آلہ،

رشڪِ "قمر" رحمت ربي،
جنهن تان فدا، اُمي، آبي،
حڪمِ خدا، حڪم نبي،
روشن ڏيئو اقوالہ،
صلوا عليه و آلہ،

لک صلواتون ۽ سلام

(۱)

منهنجا آقا، مصطفيٰ، تو تي سلام
مصطفيٰ، ماهِ لقا، توتي سلام!!

رحمة للعالمين، رحمت ڏني،
تنهنجي رحمت جابجا، توتي سلام!

ذات تنهنجيءَ تي رسالت ختم ٿي،
آفتابِ انبيا، توتي سلام!

تون اُمي، توتي لٿو اُم الڪتاب،
صاحبِ اُم القريٰ، توتي سلام!

گلشنِ اسلام جو تون باغبان،
غنچي غنچي، جي صدا، توتي سلام!

چنڊ چوڏهينءَ رات جو توتي فدا،
چنڊ، تارن، شمس جا، توتي سلام!

هي "قمر"! لاکو فدا تنهنجي مٿان،
نينهن سان نورِ خدا، توتي سلام!

(٢)

مصطفىٰ ماهِ جبين، توتي سلام!
چنڊ، تارن کان حسين توتي سلام!!

مان ڏيان قربان تنهنجي نام تان،
دلبرا آءُ دلنشين، توتـــي سلام!

تو پڙهائي پاڻ ”اقصىٰ“ ۾ نماز،
پيشوائيءِ مرسلين، توتـــي سلام!

ڪر پهچي ڪين ڪو جت، ات وئين،
عرش اعظم جا مڪين، توتي سلام!

خالق ڪون و مڪان هيئن چيو،
ڏي اچا ويجهو پرين، توتي سلام!

شمس، تارن ۽ ”قمر“ ڪان وڌيڪ مٿي،
مجتبىٰ آهين مبين، توتي، سلام!

(٣)

مصطفىٰ، محبوب توتي، لک صلواتون، لک سلام!
مجتبىٰ، محبوب توتي، لک صلواتون، لک سلام!!

تنهنجي چهري تي فدا ٿيو، چنڊ چوڏس جو جمال،
مه لقا، مرغوب توتي، لک صلواتون، لک سلام!

"رحمت للعالمين"، تون يڪسن جو پرجهلو،
اي خدا جا خوب! توتي لک صلواتون، لک سلام!

سرور، ڪونين آهين، رهنما رشڪ "قمر"،
خوبتر مرغوب، توتي لک صلواتون لک سلام!

(۴)

رحمت للعالمين تون مهربان، توتي سلام!
تنهنجي رحمت جو سڀن تي سائبان، توتي سلام!

نور پنهنجي مان آ خالق، خاص تو کي خلقيو،
ڪين تنهنجو آهه همسر، در جهان توتي سلام!

گرچ آهيان بي ثمر پر، قرب ڪر، مون کي گهراءِ،
روبرو رهبر اچي، پرتئون پڙهان توتي سلام!

آس اٿم رشڪ "قمر"، تنهنجي اچي چانئٺ چمان،
لک پڙهان توتي صلواتون، لک چوان توتي سلام!

(۵)

نبين جا نبي! هردم، صلواتون ۽ سلام توتي!
حبيب آهين ربي، هردم صلواتون ۽ سلام توتي!

قريشي تون ۽ عربي تون ۽ مدني مصطفیٰ آهين،
حجازي. هاشمي هردم، صلواتون ۽ سلام توتي!

ملائڪ پڻ ڪسائن، خوب تنهنجي پاڪ تربت مان،
پڙهن ٿا مي صفي، هردم، صلواتون ۽ سلام توتي!

پڙهان تو پاڻ ۽ منهنجو پڙهي اولاد تو پرتئون،
پڙهي آمي، آبي هردم، صلواتون ۽ سلام تــوتي.
"قمر" ۽ شمس تارن کان، اڳي پيدا ٿيو آهين،
مٺا مرسل مڪي، هردم صلواتون ۽ سلام توتي.

(٦)

طرز: مليو مرڪي مهاڻن سان.......
محمد مصطفیٰ توتي، صلواتون ۽ سلامُ الله!
سڄڻ صل علیٰ، توتي صلواتون ۽ سلامُ الله!
مٺا محبوب مولیٰ جا، پڙهن ٿا پرت مان هردم،
فرشتا ۽ خدا توتي، صلواتــون ۽ سلامُ الله!

رسالت رحمتِ عالم، خدا پوري ڪئي توتي،
امام الانبياء توتي، صلواتــون ۽ سلامُ الله!
غريبن ۽ يتيمن، بي سهارن جو سهارو تون،
اڀوڄهن جا آجها توتي، صلواتون ۽ سلامُ الله!
قلم جا لوح، ڪرسي ۽، ڪهڪشان جا ۽ ستارن جا،
"قمر" ۽ شمس جا، توتي صلواتون ۽ سلامُ الله!

(٧)

محمد مه جبين، توتي صلواتون ۽ سلامُ الله!
حبيبِ رب حسين، توتي صلواتون ۽ سلامُ الله!

رسولن جو رسول آهين، نبين جو نبي آهين،
امام‌المرسلين^، توتي صلواتــون ۽ سلامُ الله!

مٺا محبوب مولىٰ جا، مديني ۾ گهرائج تون،
مديني بجا مڪين^، توتي صلواتون ۽ سلامُ الله!

پرين تنهنجي ٿي پاڙي ۾ "قمر" لاکو هجي هردم،
پڙهان ماهِ مبين^، توتي صلواتون ۽ سلامُ الله.

(٨)

محمد نــبــي آ، محمد امــام،
محمد مٿي تي، صلواتون، سلام!

محمد جي پيرن جي، پارس پٽي،
محمد مٿو پاڪ ڪوثر ڏٺــي،
محمد جو جنت، محمد جو جام،
محمد مٿي تي، صلواتون، سلام!

محمد نبين جـــو آهـــي نبي،
محمد جي طاعت، ٿي طاعت ربي،
محمد جو هر قول رب جو ڪلام،
محمد مٿي تي، صلواتون، سلام!

محمد جو جڳ آ، محمد جو تاج،
محمد آ ســورج، محمد سراج،

محمد مٿي ٿـــي، رسالت تمام،
محمد مٿي تي، صلواتون، سلام!

محمد جي نالي تان، صدقو وڃان،
محمد کي رشڪِ "قمر" ٿو مڃان،
محمد جي گولن جو آهيان غلام،
محمد مٿي تي، صلواتون، سلام!

(٩)

محمد تـــہ نافـــع، محمد نجات،
محمد تي سهسين، سلام و صلوات!

محمد آ هـــادي، محمد حبيب،
محمد آ طـــاهـــر، محمد طبيب،
محمد مـــٿو ســـرورِ ڪائنات،
محمد تي سهسين، سلام و صلوات!

محمد مبشر، محمد نـــذيـــر،
محمد ٿو آ، ســـراجـــاً مـــنيـــر،
محمد هي روشن ڪيا، شش جهان،
محمد تي سهسين، سلام و صلوات!

محمد آ قاسم، محمد ڪريـــم،
محمد آ راحـــم، محمد رحيم،

محمد آ رحمت، محمد آ ذات،
محمد تي سهسين سلام و صلوات!!

محمد کي محمود مليو مقام،
محمد جو هر قول رب جو ڪلام،
محمد ضيا آ، محمد آ ذات!
محمد تي سهسين سلام و صلوات!!

محمد آ طيب، محمد آ تاج،
محمد آ سورج، محمد سراج،
محمد جي سڪ آ، محمد جي تات!
محمد تي سهسين سلام و صلوات!!

محمد رسولن جو سلطانُ آهه،
محمد جو اخلاق قرآنُ آهه،
محمد جا هفتا، محمد جي رات!
محمد تي سهسين سلام و صلوات!!

محمد ضيا آ، محمد ظهور،
محمد، خدا پاڪ جو آهه نور،
محمد جي هر ڪنهن کي وائي آوات!
محمد تي سهسين سلام و صلوات!!

محمد جي روضي تي رب جي نظر،
محمد تي مشتاق شمس و "قمر"،

محمد جـــو ارشـــاد آب حيات!
محمد تي سهسين سلام و صلوات!!

(١٠)

رحمت عام رسولؐ الله!
عليه السلام، صلواتؐ الله!

خوشبوءِ وارو جسم نبيءَ جو،
ڪنهن ڪان مٺڙو اسم نبيءَ جو،
مير محمد صلـــي الله! ـــ!
عليه السلامؐ، صلـــواتؐ الله!!

افضـــل، اطهر، احمد اڪرم،
صلـــي الله عليه وسلـــم،
ســرور ڄـــام ســـراج الله!
عليه السلامؐ، صلـــواتؐ الله!!

مـــرسل پيارو جـــيءَ جيارو،
ڪوثـــر ڀـــاڪ پيـــارڻ وارو،
جنهن جو قـــول ڪلام الله!
عليه السلامؐ، صلـــواتؐ الله!!

سهڻو ڀـــاڪ سونهارو عربـــي،
ماءُ ۽ پيءُ کان پيارو عربي؛
ڪامل، قـــائم "قمرؐ" الله!
عليه السلامؐ، صلـــواتؐ الله!!

تنهنجو منڙو نام محمد،
صلي الله عليک وسلم!

تنهنجيءَ عمر جو رحمتِ عالم،
قسم کنيو آ، ربّ الاڪرم،
تنهنجي رحمت عام، محمد!
صلي الله عليک وسلم!!

تخت آ تنهنجو، تاج آ تنهنجو،
منهنجا سچڻ، معراج آ تنهنجو،
"اوحيٰ" مخفي سام محمد!
صلي الله عليک وسلم!!

باغ ۾ بلبل، جهرڪ رهن ٿا،
"صلوا عليه" ڪثير ڪهن ٿا،
لات لنون بر لام محمد!
صلي الله عليک وسلم!!

ڪعبي پاڪ ۾ "قمر" رسائيج،
پنهنجو جلوو پاڻ پسائيج،
"لاڪو" تنهنجي سام محمد!
صلي الله عليک وسلم!!

(۱۳)

مالڪ جـــو محبوب محمد! صلي الله عليه و سلم،
منهنجو آ مطـلــوب محمد! صلي الله عليه و سلم.

شهد کان مٺڙو جنهنجو نالو، پنهنجي نور مان آهه نرالو،
خـالــق، خلقيو خـوب محمد! صلي الله عليه و سلم.

عرش تي آهن جنهن جا نظارا، مالڪ جو معراج پيارا،
مــاڻيو آ، مــرغــوب محمد، صلي الله عليه و سلم.

شمس و "قمر" ۽ تارا جنهن جا، دائم دنيا وارا جنهن جا،
آهـــي خوش اسلــوب محمد! صلي الله عليه و سلم.

(۱۴)

مير محمد عربــي اڪرم،
صلـــي الله عليه و ســلم!!

مــرســل مدنــي مٺيادار،
اڪيون جنهنجون مينگهه ملار،
چنڊ کان سهڻو احمد اسلــم،
صلـــي الله عليه و سلـــم!

جنهن جي اچڻ سان پوتا ٻهڪن،
گل، ڦل، غنچا ناريون ٽهڪن،

آيو آهي رحمت، عالم،
صلي الله عليه وسلم!

جنهنجي طاعت، رب جي طاعت،
جنهنجي اعليٰ صورت، سيرت،
جنهنجي عادت اطهر اعظم،
صلي الله عليه وسلم!

جانب جي جيارڻ وارو،
ڪوثر پاڪ پيارڻ وارو،
ورد "قمر" جو هر پل، هر دم،
صلي الله عليه وسلم!

(١٥)

مير محمد صلي الله،
پاڪ ڌڻي جو آيو عربي!

ڪلمي پاڪ جون تند تنوارون،
لاَ اِلٰـهَ اِلاَّ اللّٰهُ،
پاڪ ڌڻي جو آيو عربي!

وڻ ٽڻ، پوتا واسيا آهن،
مينهن آئا مِن عند الله،
پاڪ ڌڻي جو آيو عربي!

جنهنجي طاعت، رب جي طاعت،
جنهنجو قول ڪلام الله،
پاڪ ڦٽيءَ جو آيو عربي!

چوڏهينءَ رات جي چنڊ کان سهڻو،
رحمتِ عام رسول الله،
پاڪ ڦٽيءَ جو آيو عربي!

شمس، ”قمر“ ۾ نور نبيءَ جو،
سرور چام سراجٌ الله،
پاڪ ڦٽيءَ جو آيو عربي!

(١٦)

محمد مٺيادار توتي سلام،
محبت سان منٺار، توتي سلام!

رسولن جو سرتاج سلطان آهين،
صداقت سان سردار، توتي سلام!

جهانن لئي رحمت ڪيو توکي رب،
امان جا اکين ٺار، توتي سلام!

سچڻ تنهنجي آمد ڪري ڏيهه تان،
لٿا اهنج آزار، توتي سلام!

وڻن جا ڪري ويس آئين حبيب،
اکيون تنهنجون اسرار، توتي سلام!

وڏو وڏڙو مينهن مارن مٺي،
ٿي سارنگ لهين سار، توتي سلام!

ڦوهاريون ڦڙن تي ڦلر ٿيون ڦين،
وسائين ٿو ولهار، توتي سلام!

متارو ٿيو مال، مارن سندو،
ٽڙيا گونچ گلزار، توتي سلام!

عيان تنهنجو "طٰهٰ" مان جلوه جمال،
مزمّل ۽ مهندار، توتي سلام!

پيا توکي "تقويم" تقديس جا،
حبيبِ خدا، هار توتي سلام!

وليون، ڦوک، رابيل، مکڙيون مٺا،
ڦڙهن گونچ گلزار، توتي سلام!

ڦڙهن ڦرت مان ٿا جهڪي مه جبين،
عقيدت سان اشجار، توتي سلام!

حبيبِ خدا توکي حورون ڦريون،
وڃائي ڏين وار، توتي سلام!

نہ سٹ مصطفیٰ تنهنجو مخلوق ۾،
ملوڪن جا مهندار، توتي سلام!

سنڌ منهن مبارڪ ۽ وارن جو رب،
ڪنيو سٺنهن سردار، توتي سلام!

اطاعت ٿي تنهنجي، اطاعت ربي،
"وحي يوحيٰ" گفتار، توتي سلام!

محمد محمد، محمد ڪريم،
صداقت جا سينگار، توتي سلام!

سٺا آهه "مشڪواة" سينو سنڌه،
۽ "مصباح" دل يار، توتي سلام!

ٿيو خـُلق تنهنجو تہ قرآن پاڪ،
سنڌه نيڪ اطوار، توتي سلام!

سنڌه نيڪ سيرت ڏيئو ڏيهہ لئي،
مديني جـا مختار، توتي سلام!

پراون کي پنهنجو ڪيو تو ڪريم،
قريشي ۽ ڪلتـار، توتي سلام!

يهودڻ ڪان وٺين پاڻ پيارا پڇڻ،
مـريضن، مددگار، توتي سلام!

ڪئي تو تي پوري رسالت رحيم،
اُوجهن جا آڌار، تو تي سلام!

پڙهي تو تي صلواة، سائين سدا،
هدايت جا هيڪار، تو تي سلام!

يتيمن جا ياور، ۽ هيڻن حبيب،
غريبن جا غمخوار، تو تي سلام!

ابوبڪر ۽ فاروق، عثمانؓ علي،
سندءِ دوست دلدار، تو تي سلام!

ڏھ روحؑ الامين آت رسيو يا رسول،
جتي تنهنجا پيزار، تو تي سلام!

لٿو پاڪ قرآن، تو تي ڪريم،
انهيءَ جا هي اُنوار، تو تي سلام!

مٿا ماڪ مين گل، ٿيو با وضو،
پڙهن ٿا لڳاتار، تو تي سلام!

سراجاً منيراً ٻه تو کي سڄڻ،
ڪيو آهي ڪلتار، تو تي سلام!

سندءِ مرڪ مخفيءَ مان، موتي ڇڻن،
ڪرين چنڊ چمڪار، تو تي سلام!

حسينن ۾ همسر، نہ تنهنجو حبيب،
سنڌہ سرس سينگار، توتي سلام!

تبسم مان تارا، ٽيا فيض ور،
آئن تنهنجا اذڪار، توتي سلام!

لکين لعل، هيرا، ڏنئي ڏيهہ کي،
ولايت جا وينجهار، توتي سلام!

سنڌہ روح، تربت تي رحمت سندا،
جڇها مينهن جا لار، توتي سلام!

سنڌہ آل و اصحاب و ازواج تي،
صلواتن جا انبار، توتي سلام!

سنڌہ هر قدم تان، خدائي نثار،
سنڌہ ڍول ٿي ڍار، توتي سلام!

نہ مٽ عطر، تنهنجي پگهر سان ٿئي،
نڪو مُشڪ تاتار، توتي سلام!

قريشي تون ڪوثر جو قاسم ٿئين،
پڙهن خوب انهار، توتي سلام!

ٿيان تو تان قربان، رشڪِ ”قمر“،
چوان چونہ صد بار، توتي سلام!

محبوب مرسل جا

پسائج يا خدا منظر حسينﷺ، محبوب مرسل جا،
ٿين جلوا جتي ماهِ جبينﷺ، محبوب مرسل جا!

اها ٿي عرش کان اعليٰ، جتي منٺو محمد آ،
آپر احسان ٿي ڳائي زمينﷺ، محبوب مرسل جا!

لٿو قرآنؑ جت آهي، جتي رحمت ٿي رحمت آ،
ڪيا ديدار جت، ”روح الامينؑ“ محبوب مرسل جا!

منارن جي مٿان، رحمان جي رحمت وسي ٿي نت،
ڏسان محراب ۽ مسجد مبينﷺ، محبوب مرسل جا!

امان، بنياد بدعت، شرڪ، باطل جو پٽيندا سون،
غلام آهيون، غلام آهيون، اسين، محبوب مرسل جا!

فرشتا ۽ خدا جنهن تي، پڙهن صلوات سونهاري،
”قمر“ ۽ شمس ٿيا عرش بريں محبوب مرسل جا!

بسم الله

ٿيا ميلاد جا آفلاڪ تي آذڪار بسم الله،
ڀلي آيو محمد مصطفيٰ مهندار، بسم الله!

ٿيو تشريف فرما سرور ڪونين، دنيا ۾،
ٿيا رحمان جي رحمت سندا وسڪار، بسم الله!

خدا جو حمد جو هت، رحمة للعالمين آيو،
سڳوري آمنه جي ڀيا گلي ۾ هار، بسم الله!

حبيب الله جي لئي هت، لهي آفلاڪ جا آيا،
ملائڪ، انبيا، حورون، ڪرڻ ديدار، بسم الله!

ٻڙن ۾ اڄ بهاري ٿي، ۽ باغن ۾ بهار آيو،
چمن ۾ چوطرف چيهن جي ٿي چهڪار، بسم الله!

وسايا مينهن اڄ واحد، وڻن جون ٽاريون ٽهڪن،
ٽڙيا گلزار، خوشبودار ٿي هٻڪار، بسم الله!

مٺي محبوب مرسل مير جي، ميلاد جي محفل،
ملهايو مؤمنو! مرڪي، نسنگ نروار بسم الله!

امام الانبياء صلي علي، سرتاج سونهارو،
ٻلي آيو، غريبن ۽ يتيمن يار، بسم الله!

محمد مصطفيٰ صلي علي، محبوب موليٰ جو،
ڪئي ڪڪرن ڪرم سان، خوب ڪارونيار بسم الله!

ملائڪ انبيا جنهن لئي، رهيا ٿي منتظر هردم،
اهو رشڪ ”قمر“ آيو، اکين جو ٺار، بسم الله!

○

ميلادِ نبي ﷺ سان

ڪڪرن جي هي ڪاراڻ ٿي، ميلادِ نبي ﷺ سان،
مينهن جي هي ماڃاڻ ٿي، ميلادِ نبي ﷺ سان!

سرسبز ۽ شاداب ٿي، دنيا جي هي ڌرتي،
ساوڪ به سڳنڌ ساڻ ٿي، ميلادِ نبي ﷺ سان!

ميلادِ محمد سان ٿيو، ملڪ مٺائي،
گلزار ۽ سرهاڻ ٿي، ميلادِ نبي ﷺ سان!

اڄ فيض جي ڦُڙ ڦُڙ ٿي ٿئي، ٻيج ٻني ﷺ جو،
سانگين کي خوشي هاڻ ٿي، ميلادِ نبي ﷺ سان!

انسان کي، انسان ڪيو، احمدِ مختار،
الله جي واکاڻ ٿي، ميلادِ نبي ﷺ سان!

پنوهار پٽڙ، پرت منجهان، پاڪ پين ٿا،
خوشبوءِ سندي ڪاڻ ٿي، ميلادِ نبي ﷺ سان!

سورج کي گهٽي سونهن ٿي، تارن کي تڪائي،
پڻ چنڊ ۽ چانڊاڻ ٿي، ميلادِ نبي ﷺ سان!

هي شمس و "قمر"، ڪٿيون، صلواة پڙهن ٿا،
ساڻيهه ۽ ساواڻ ٿي، ميلادِ نبي ﷺ سان!

سائين جي ساراهه

طرز: الله هي الله ڪيا ڪرو......

آلهڻا آلهڻا ياد اٿن، لامن تي ٿا لات لنون،
پکين ۾ پنهنجي خالق جا، ڳڌجي ڳڌجي گيت چون.

ڪاڙ ڪبوتر، قمريون، ڪٽڙي، ڪوئل ڪوڪ ڪري ٿي،
باغ ۾ بلبل، چيها، چهڪن، جهرڪي سرڪ ڀري ٿي،
وڻ وڻ ماڻ ٿا واس وٺن،
ڏارين تي ٿا خوب ڏين.

ڳُٽ ڳُٽ، گهُو گهُو، ڳيرا ڪن ٿا، پرتئون ذڪر پيارو،
هدهد، هنج ۽ هيڙا ڪن ٿا، ياد خدا ڪي يارو،
صلوا عليه ڪثير ڪهن،
سُٺڙا سُٺڙا ٻول ٻجهن.

سورج لهي آ، سجدو ڪيڙو، سائينءَ آندي سانجهي،
سور، سيڻو ۽ سِڻا، سيڻر، سونيا ماڳ تي مانجهي،
واهيري جي وير اٿن،
آکيرن ۾ عام اچن.

اهڙي ملي تعليم انهن کي، گهڙيءَ بنا ٿا گهڙيون ڄاڻن،
لمحو لمحو، سيڪنڊ سيڪنڊ، ساعت خوب سڃاڻن،
جهڙ ڦُڙ تـوڙي مينهن وسـن،
وقت تـي پرتڻون حمد پـڙهن.

ڏاڍو پاڻ ۾ پيار پکين جو، ڏاڍي پاڻ ۾ آهي پريت،
راتيان، ڏينهان راس رهن ٿا، راحت ڏيندڙ آهي ريت،
ڏک ۽ سـور ۾ ڪين ڇـڄن،
ڪونجون خـوب قطارون ڪـن.

ڪير رسائي رزق ٿو تن کي، ڪير هوا ۾ اڏاري؟
پاڪ ٿئي پرواز پکين جو، سائين جـو ٿو سهاري،
شـوق منجهان شـهـباز آڻـن،
سائـيـن سـاري چـوٽ چڙهـن.

ڪين ڪـٿو ڪن سمر صبح لئي، اهڙي رب ۾ آس اٿن،
مير محمد ڏي ٿيا راهي، رايـو پنهنجو راس اٿن.
روضـي پـاڪ ۾ "قـمـر" رسـن،
لـوچ سـان "لاڪا" لعل لهـن.

O

ڀاڱو ڇهو

روضي پاڪ رسول جي

محمد ﷺ جو روضو

اکين سان ڏسان نت، محمد جو روضو،
ٿيو رشڪِ جنت، محمد جو روضو!

اکين کي ۽ دل کي، جگر، روح، تن کي،
رسائي ٿو راحت، محمد جـو روضـو!

ٿئي شال تربت، مديني ۾ منهنجي،
اکيون ڪن زيارت، محمد جو روضو!

نہ گلزار، فردوس مٽ مور جنهن جو،
رکي اهڙي عظمت، محمد جو روضو!

"قمر" سج، تارا، ستارا چُمن ٿا،
زمين ڪاڻ زينت، محمد جو روضو! (ﷺ)

مديني ۾

محمد مصطفیٰ ماهہ جبينؐ، آهي مديني ۾،
منهنجو محبوب مولیٰ جو مڪينؐ، آهي مديني ۾.

لهي روح الامينؑ آيو، امام الانبيا ڏي ٿي،
قريشيءَ تي لٿو قرآن مبينؐ، آهي مديني ۾.

ٿيا فردوس کان اعلیٰ، منارا مير مرسل جا،
خدا چاڻي ته جنت خُلد برينؐ آهي مديني ۾.

"قمر" ڪهڪشان ڪيئون، جهڪن ٿا دلربا اکيان،
حبيب الله، هر ڪنهن کان حسينؐ آهي، مديني ۾.

○

مديني ۾

طرز: تماچي ڄام تڙ تي ڪيئن سليو مرڪي مهاڻن سان....

محمد مصطفىٰ صل علىٰ، سرور مديني ۾،
خدائے دو جهان^ جو دادلو، دلبر مديني ۾.

رسول الله جو روضو، رسائي روح کي راحت،
منارا مير مرسل جا، ڏسان هر هر مديني ۾.

جمالِ مصطفىٰ تي چوطرف ڦيرا فرشتن جا،
ٻهاري ٿو ڏئي، "روح الامين^" با پَر مديني ۾.

مٺا ماڻهو مديني جا، مٺي محبوب جي ٻولي،
حسين^ وڻ ٽڻ مديني جا، حسين^ منظر مديني ۾.

مٺي محبوب جو مسڪن، ٿيو فردوس کان اعلىٰ،
ٿيو رشڪِ "قمر" جو گهر عيان اطهر، مديني ۾.

گلستانِ مدينه

گهٽ باغِ ارم کان نه، بيابانِ مدينه،
فردوس کان وڌ آهي، گلستانِ مدينه!

عرفات، جبل طور ۽ معمور حرم کان،
الله! ڪيو آهي آتم، شانِ مدينه!

آباد ڪيو، احمدِ مختار عرب کي،
سرسبز ٿيو ٻوند سان، بستانِ مدينه!

راحت ٿا ڏين روح کي، گنبذ ۽ منارا،
والله اکين ٺار، هي ايوانِ مدينه!

پُرنور پهاڙين جا، هي محبوب مناظر،
رابيل، شجر، ڪيت ۽ ريحانِ مدينه!

انوار ٿين مسجد و محراب و حرم تي،
وڌ شمس ”قمر“ کان به، چراغانِ مدينه!

سبز روضو

مُحمد مَنِي جو چمن، سبز روضو
حياتيءَ ۾ ڏوري ڏسان، سبز روضو!

چوان عرش، ڪرسي، سمٰوات کان ٿو،
وڏي شان وارو عيان، سبز روضو!

رهي ٿو اسان جي، دلين ۾ هي دائم،
بلاشڪ اهو بي گمان، سبز روضو!

ڏٺو جنهن اکين سان، مسلمان مؤمن،
انهيءَ کان ٿو وسري ڪٿان، سبز روضو!

وهايم لکين لڙڪ، اکين منجهان اڄ،
ڏٺم جو سر ڪاروان، سبز روضو!

اسان جي نبيءَ جو تہ آرام گهر هي،
چٽو چنڊ کان ٿو چوان، سبز روضو!

صفا صاف ارشاد 'جاءُوڪ' جو هي،
آجهو عاصين لئي، ميان سبز روضو!

"قمر" شال مولي ڪري ڏينهن اهڙو،
ڏسي زندگيءَ ۾ ٿران، سبز روضو!

Soorih Mirani

ڪاش مديني ۾ هجان ها!

اي ڪاش! جو هن وقت، مديني ۾ هجان ها!
مان احمدِ مختار جو ديدار ڪيان ها!!

نروار نبي پاڪ جو ديدار ڪجي ها،
۽ صاحبِ لولاڪ جو ديدار ڪجي ها؛
سر در تي ڏري، چائنٺ چپن سان چمان ها،
اي ڪاش! جو هن وقت، مديني ۾ هجان ها!

جبريل جتي پيار سان هر آنَ، لٿو آ،
جت "لوح" کان محبوب تي قرآن لٿو آ؛
آت پرت منجهان ڏؤر صبح، شام ڪيا ها،
اي ڪاش! جو هن وقت، مديني ۾ هجان ها!

نيڻن سان ڏسان خوب ها، مرسل جا منارا،
بوبڪر ۽ فاروق، سڄڻ سان ستارا؛
سڪ سوز سان سرتاج تي، صلواة پڙهان ها،
اي ڪاش! جو هن وقت، مديني ۾ هجان ها!

جنهن مير محمد لئي، ملائڪ به سڪن ٿا،
تربت کي قطارن تي، قطارون ٿي ڦرن ٿا،
تنهن رشڪِ "قمر" پاڪ جي قدمن ۾ رهان ها،
اي ڪاش! جو هن وقت، مديني ۾ هجان ها!

رحمة للعالمين

طرز: الله هي الله ڪيا ڪرو:

احمد سائين، احمد ڄام، مير محمد منڙو نام،
جنهن لئي دنيا پيدا ٿي، تنهن تي صبح و شام سلام!

پاڪ ڦٽيءَ جو آيو عربي، مير محمد صلى الله،
سائينءَ طرف سڏي ٿو سڀ کي، رحمت عام رسول الله،
جيسين دنيا عقبيٰ دوام!
تيسين هلندو سندس نظام!!

عرض ڪيو جبريل سڳوري، رهبر رات نه ڪُٽي آ،
جيسين ٻانگ بلال نه ڏيندو، تيسين پاڪ نه ڦٽي آ،
اهڙا گهوٽ نبيءَ جا غلام!
جن جو قادر ڪيو ڪلام!!

جابر جا ٻئي جيئرا ڪيڙا، جابر سرهو ٿئڙو
چنڊ کي چيريو پاڻ ڪريمن، شمس کي واپس ڪيڙو!!
واپس آندي وچين وريام،
حيدر صفدر ڪيو قيام!

جنهنجي اچڻ سان جهڙ ڦڙ ٿيڙا، ملڪ ۾ مينگهه ملاري ٿي،
گل ڦل غنچا ڏاريون ٽهڪن، برن ۾ خوب بهاري ٿي،

Soorth Mirani

وڻ جهليو اڄ پور آ جام،
لطف ڏئي ٿي هرهڪ لام!

ڪعبي کان ويو ”سدره“ تائين، سدره کان ويو عرش مٿي،
مير محمد جا جڳ پيئي، فائق عربي فرش مٿي،
ٿيڙو ”اقصىٰ“ ۾ هو امام،
”اوحىٰ“ جي ٿي مخفي مام!

وڻ ٽڻ، پوٽا، آب ۽ قدرتي، شمس ”قمر“ ۽ تارا جنهنجا،
لوح، قلم ۽ ڪرسي، ڪتيون، قرآن پاڪ جا پارا جنهنجا،
راس رسول جي رحمت عام،
”لاکو“ سيد جي آ سام!

⊙

ٻاڳو ڏيون

ياد محمد (صلی اللہ علیہ وسلم)

روشن ٿي ڪري روح ۽ دل يادِ محمد،
مان نينهن سان ڪريان ٿو، سدا نادِ محمد!

اخلاق نبي پاڪ جو، قرآن ڪريم آ،
ارشادِ خدا آهه، جو ارشادِ محمد!

دل احمدِ مختار ڪي، شب و روز سڏي ٿي،
امدادِ خدا آهي، جو امدادِ محمد!

آدم ڪان، فرشتن ڪان، گهڻو گهوٽ اڳي هو،
ميثاق ۾ ٿي، محفلِ ميلادِ محمد!

ڪوڪب ۽ "قمر" شمس جو مشتاق مٿن نور،
دنيا کي عطا نور، ٿيو دادِ محمد! (صلی اللہ علیہ وسلم)

محمد ﷺ نہ ٿئي....

محمد محمد محمد پلارو،
محمد مٺي جو مٺو اسم پيارو!

محمد نہ ٿي ها، تہ آدم نہ ٿي ها،
نہ ادريس، عيسيٰ، نڪي نوح پارو!
محمد محمد محمد پلارو.

محمد نہ ٿي ها، تہ ڪعبو نہ ٿي ها،
لهي ها نہ پُرنور، قرآنؐ مارو!
محمد محمد محمد پلارو.

محمد نہ ٿي ها، ”قمر“، سج نہ ٿي ها،
ڏسو ها نہ ڪتيون، نہ روشن ستارو!
محمد محمد محمد پلارو.

محمد نہ ٿي ها، تہ گلشن نہ ٿي ها،
نہ باغن ۾ بلبل، نہ ٿي ها نظارو!
محمد محمد محمد پلارو.

محمد نہ ٿي ها تہ، جنت نہ ٿي ها،
نہ گلزارِ فردوس ٿي ها اي يارو!
محمد محمد محمد پلارو.

محمد محمد ڪندي، دم ڏيان شل،
محمد جو نالو، "قمر" دل قرارو!

محمد محمد محمد پلارو،
محمد مٺي جو مٺو اسم پيارو! (ﷺ)

رسول ڪريم (صلي الله عليه وسلم)

آيو عربي رسول ڪريم، سڄڻ!
ڏيو نُورو خدا جو عظيم، سڄڻ!

ٽي سوَ سٺ بتن جي، ڪعبي اندر،
ڀڃي ڀور ڪيا، اچي پاڻ آپر،
ڪيو صاف بتن کان، خدا جو گهر،
ويو لات، عزّيٰ ٽي، رميم سڄڻ!

پيڙي نوح نبيءَ جي، رسائي پرينءَ،
آتش آڙهہ جي ڀڃ، اُجهائي پرينءَ
عزتِ آدم جي ڀي، وڌائي پرينءَ،
ڪيو ملڪن سجدو، سليم سڄڻ!

ڪارا ڪوهہ، مٺا ڪيا پاڻ پرينءَ،
سڀ اصحابي وٺي ڪير پين،
ابوجهل جي هٿ ۾، پٿريون پڙهن،
چون صلّوٰ عليا، تسليم سڄڻ!

جنهن جي هٿن منجهان، نديون آب وهيون،
صفون اصحابن جـــون، سيراب ٿيون،
جنهي لئي ٿنب ڪجيءَ جي، دانهون ڪيون،
جنهن تي نيڪ ڏني ٿي، رحيم سڄڻ!

بنا ڪــارڪ جـــي، ڪجيءَ پيدا ڪئي،
ڪاڍيــون اصحابن، ڇا ٻـــڌايان ڇئي،
آئي هـــرڻـــي وٽـــي، ٻچا ساڻ ٻئي،
جنهن جو ضامن پيو هو، حليم سڄڻ!

ڪن حجر، شجر ٿا، ڪلام جهڪي،
آڏ چنڊ ڪيو هـــو، سلام جهڪي،
ڪري شمس "قمر"، اڪرام جهڪي،
اهڙو پارس آهـــي، ٻرينءِ سڄڻ!

○

الله جو مھمان ٿيو گھوٽ محمد

ھر حال ۾ ھيٺن جـــي، حمايت ۾ ڪيائين،
رب پاڪ جي قدرت جي زيارت ۾ ڪيائين،
ڪعبي ڪانِ وچي اقصىٰ، عبادت ۾ ڪيائين،
اقصىٰ ۾ رسولن جـــي، امامت ۾ ڪيائين،
اقصىٰ ڪان سرِ عرش ويـــو، گھوٽ محمد!
الله جـــو مھمان ٿـــيـــو، گھوٽ محمد،

تاجـــن جـــو ٿيو تاج، عيانؐ تـاج محمد،
خـــود بدر ۾ ٿيا ملڪ ھا افـــواج محمد،
”قـوسـين“ ٿيو قـــرب ۾ منـــھاج محمد،
بـاچشم ۾ بـاجسم ھـــو مـعـراج محمد،
ات پھتو، جتي ڪنھنجو ڪري فڪر نٿو ڪم،
جبريل جـــو پرواز ھو ”سدره“ تي ٿيو تم!

اڄ رات جو انوار ھـــي معراج نبيؐ سان،
افلاڪ تي اذڪار ھـــي معراج نبيؐ سان،
دلدار جا ديـــدار ھـــي معراج نبيؐ سان،
سنسار جـــا سينگار ھـــي معراج نبيؐ سان،

اڄ عرش و سما، آهي ٽيو، لوح و قلم خوش،
اسحاق ۽ ادريس ٽيو، عيسيٰ اتم خوش!
سرتاج ۽ سردار جو معراج، بلاشڪ،
محبوب مٺيادار جو معراج، بلاشڪ،
محمود ۽ مهندار جو معراج، بلاشڪ،
پڻ احمدِ مختار جو معراج، بلاشڪ،
معراج جي تصديق ٿي، بوبڪر ڪئي اڳ،
صديق لقب تنهن کي چڙيو، يار ڏئي اڳ!

جبروت جي جلون ڪان گهٽو گهوٽ مٿي هو،
معمور جي مسڪن ڪان گهٽو گهوٽ مٿي هو،
فردوس ڪان، گلشن ڪان، گهٽو گهوٽ مٿي هو،
حورن ڪان، فرشتن ڪان، گهٽو گهوٽ مٿي هو،
ڪوڪب ۽ "قمر" شمس کي مشتاق ڪيائين!

گلستانِ محمد ﷺ

بــوبكر ۽ فاروقؓ، فــدايانِ محمد،
عثمان، علي شيرِ خــدا، شــانِ محمد!

زهرا کي چيو لخت جگر، شاه اُمم آ،
حــسنــيــن كريــمــين، گلستانِ محمد!

الله جـــي تلوار ٿيو، حضرتِ خالــد،
بـــوطلحه ۽ سلمان، غـــلامانِ محمد!

حمزو به ٿيو شيرِ خـدا، شيرِ نبي آ،
بوذر ۽ سعد، کعب آ بـرهانِ محمد!

منسوخ زبور آهه، کم انجيل و توريت،
لاريب "قمر" قــائما، قـــرآنِ محمد!

"صلى الله عليه و سلم"

۞

روئـے محمد ﷺ

جمالِ خدا آهي، روئـے محمد،
هي گلزار فردوس، کوئـے محمد!

سڄو ڏينهن ساريان، حبيبِ خدا کي،
مڻي رات جو روح، سوئـے محمد!

مٿي مصطفيٰ کي، سندم ساهه ساري،
۽ دل ۾ اٿم، آرزوئـے محمد!

نڙيا گل ۽ غنچا ۽ مکڙيون، اتي نت،
ٿيو ڀونءِ جنهن تي، وضوئـے محمد!

چنبيليءَ ۾، وارن سندو واس آهي،
چمن مان اچي ڀڻ ٿي، بوئـے محمد!

"قمر" شمس، تارن، کيو نور حاصل،
ڪري جڳ سڄو، جستجوئـے محمد!

"صلي الله عليه و سلم"

روئي محمد ﷺ

اکين سان ڏسان شال، روئي محمد،
۽ دل ۾ اٿم، آرزوئي محمد!

سڀ ڏينهن ساريان، حبيبِ خدا کي،
سُتي رات جو روح، سوئي محمد!

نڙيا گل ۽ غنچا ۽ ٻوٽا، اتي پڻ،
ٿيو خاڪ جنهن تي، وضوئي محمد!

چنبيليءَ ۾، زلفن جي سرهاڻ آهي،
چمن مان اچي پڻ ٿي، بوئي محمد!

"قمر" شمس، ان کان کيو نور حاصل،
جمالِ خدا، آهه روئي محمد!

"صلي الله عليه و سلم"

○

Soorih Mirani

جنابِ محمد ﷺ

حبيبِ خـــدا آ، جـناب ِ محمد،
عجب ميـم جـو آ، نقابِ محمد!

عطا كيس خالق! كيو آهه كوثر،
شـــرابـاً طهورا شـــرابِ محمد!

اطاعت سندس ٿي، اطاعت خدا جي،
خطابِ خـــدا آ، خطابِ محمد!

ابـوبكر، فـاروق، عثمان، حيدر،
هي روشـن ستارا، صحابِ محمد!

وڏو وڏڦڙو مينهن مـارن مٿي آ،
سدائين ”قمر“ تي سحابِ محمد!
”صلي الله عليه و سلم“

انوار محمد ﷺ

آذڪارِ خدا آهن، جو آذڪارِ محمد!
انوارِ خدا آهن، جو انوارِ محمد!

”جاءِ توڪت“ جو معبود ٿئي، ڏس پاڻ ڏئي ٿو،
دربارِ خدا آهي، جا دربارِ محمد!

الله جي تنوير جو، محبوب آ مظهر،
ديدارِ خدا آهي، جو ديدارِ محمد!

هي لوح و قلم، عرش نه افلاڪ ٿئي ها،
اظهار ٿئي ها، نه جي اسرارِ محمد!

الله جي طاعت آ، نبيءَ پاڪ جي طاعت،
گفتارِ خدا آهي، جا گفتارِ محمد!

مان احمدِ مختار جو، مشتاق ازل کان،
لکيا هي ”قمر“ عشق مان آشعارِ محمد!

”صلي الله عليه و سلم“

محمد ﷺ

گلزار ۾ محمد، وڻڪار ۾ محمد!

اذڪار ۾ محمد، گفتار ۾ محمد!

منسار ۾ محمد، سينگار ۾ محمد!

امطار ۾ محمد، وسڪار ۾ محمد!

انھٰوار ۾ محمد، ابحار ۾ محمد!

اخبار ۾ محمد، اشڪار ۾ محمد!

انوار ۾ محمد، اقمار ۾ محمد!

انڪار ۾ محمد، اظهار ۾ محمد!

اسرار ۾ محمد، ابصار ۾ محمد!

انصار ۾ محمد، اشجار ۾ محمد!

اسحار ۾ محمد، اقرار ۾ محمد!

اقمار ۾ محمد، صلي الله عليه وسلم!

○

انوار محمد ﷺ

اذڪار خدا آهن، جو اذڪار محمد،
انوار خدا آهن، جو انوار محمد،
ديدار خدا آهي، جو ديدار محمد،
دربار خدا آهي، جا دربار محمد،
دربار ۾ پهچي جو، اهو پاڪ ٿئي ٿو،
”جانوڪ“ جو معبود ٿئي، ڏس پاڻ ٿئي ٿو.

هي ڪون ومڪان ڪين ڪي جلون سان جٽي ها،
رحمان رسولن ڪي، رسالت نه ڏئي ها،
جي احمد مختار، محمد نه ڏئي ها،
هي ڌرتي پنو هارن جي، پيدا ڪين پئي ها،
جي ڪين سچڻ، صاحب لولاڪ ٿئي ها،
هي لوح و قلم، عرش نه افلاڪ ٿئي ها!

ٿي شير سچو، شير خدا سيج تي ساجد،
گڏ غار ۾ غمخوار هو، الله جو عابد،
فاروق ۽ عثمان، مڙيادار مجاهد،
الله جي تلوار ٿيو، حضرت خالد،
حسنين ڪريمين، گلستان محمد،
بو طلحة ۽ سلمان، غلامان محمد.

صلِّ علیٰ

محمد مصطفیٰ صلی علیٰ ماهِ جبين آيو،
رسول الله رهبر رحمة للعامين آيو.

نڙيا گلزار خوشبوءِ دار باغن ۾ بهاري ٿي،
گلن، غنچن ۽ مکڙين ۾ بهار آيو حسين آيو.

زمين و آسمان، لوح و قلم، پيدا ٿيا جنهن لئي،
خدا جو حمد سو عربي، امام المرسلين آيو.

چُمهن فردوس جون حورون، مبارڪ پير پارس جا،
هٿن ۾ هار هيرن جا، کڻي روح الامين آيو.

ڪلام الله جو تفسير، جنهنجي زندگي اطهر،
حبيبِ رب، حبيبِ ڪل، حبيب المسلمين آيو.

"قمر" ۽ شمس، تارن، ڪهڪشان ۾ نور آ جنهنجو،
اهو نورِ خدا، نور الهدیٰ، نورِ مبين آيو.

"صلی الله عليه وسلم"

Soorih Mirani

صلوا عليه و آلهٖ

آ مصطفیٰ مرسل مٿي، صلوا عليه و آلهٖ،
الله جنهن اکٿين ڏٺو، صلوا عليه و آلهٖ،

"لاريب" پهتو لامڪان، "قوسين" ڪان اوڏو عيان،
بلغ العلیٰ بڪمالهٖ، صلوا عليه و آلهٖ۔

"يٰس، طٰهٰ" اسم سان، معراج ماڻهن جسم سان،
ڪشف الدجیٰ بجمالهٖ، صلوا عليه و آلهٖ۔

قرآن تنهن صورت سندس، فرقان تنهن سيرت سندس،
حسنت جميع خصالهٖ، صلوا عليه و آلهٖ۔

○

صلى الله عليه وسلم

آهه نرالو نور محمد، صلى الله عليه وسلم،
ملڪ ڪيو معمور محمد، صلى الله عليه وسلم.

ارشاد ٿيو هي آهي عجيب "ورفعنالک ذکرک" جو هي،
مشهور آ مذڪور محمد، صلى الله عليه وسلم.

"جاء الحق و زهق الباطل، ان الباطل ڪان زهوقاً"،
ڪفر ڪيو ڪافور محمد، صلى الله عليه وسلم.

جنهن تي آ فرقان لٿو، قرآن لٿو، آ قرآن لٿو،
محبوب خدا منشور محمد، صلى الله عليه وسلم.

○

احمد قريشي

لکان نينهئون نرالو ٿو نـام، احمد قريشي جو،
پڙهي صلوات ڪريان ٿو سلام، احمد قريشي جو.

ٿيو فرقان ۾ فرمـان آهي "وحي يـوحيٰ" جو،
"ڪلام الله" ٿيو بيشڪ، ڪلام احمد قريشي جو!

عيان "قوسين ورفعنا لڪ ذڪرڪ" منجهان يـارو،
مٿانهون ٿـو گهڻو ڏسجي، مقام احمد قريشي جو!

پـڙهي "يٰس، طٰهٰ، لا تقولوا راعنا" ڏس تـون،
ڪيو الله سائيـن احترام، احمد قـريـشي جـو!

الـلـه العالمين، هـت، "رحمة للعالمين" آنـدو،
ٿيو احسان دنيا تي هي عـام، احمد قريشي جو،

نه آهي خوف ۾ ڪنڪو "قمر"، لهرين ۾ لوڏن جو،
غلام آهيان، غلام آهيان، غلام، احمد قريشي جو!

"صلي الله عليه وسلم"

محمد ڪريم صلي الله عليه وسلم

اچي رس، محمد محمد ڪريم،
ٻرين ٻس، محمد محمد ڪريم!

ٽي ڀيڙي پراڻي، رسان ڪپ تي ڪيئن،
ڏيو ڏس، محمد محمد ڪريم!

ڪناري تي پهچڻ لئي مون آ ڪيو،
وڏو وس، محمد محمد ڪريم!

مڙيا مڇ، ڦٽيا وات واڳن وڏا،
جهلي ڳس، محمد محمد ڪريم!

هي ڪشتي "قمر" جي ڪُنن ۾ پيئي،
ڪنج ڪس، محمد محمد ڪريم!

"صلي الله عليه وسلم"

⊙

اچي رس يا رسول الله

پڪاريان توکي ٿي پيارا، اچي رس يا رسول الله،
وسيلا ويا اٿم مارا، اچي رس يا رسول الله!

مڙيا مضبوط مانگر مڇ، سوين ميسر ٿيا سامهون،
وري واڳن ڪيا وارا، اچي رس يا رسول الله!

ڏئي دريا ٻه ٽو دڙڪا، ڪيا ويسر ڪَنن ڪڙڪا،
مڙيا مارڻ تي لک مارا، اچي رس يا رسول الله!

هلي اچ هاشمي هاڻي، سگهو ٿي سير ۾ ساڻي،
ٿيان ٿي غرق سونهارا، اچي رس يا رسول الله!

”قمر“ سهندو ڪٿي لوڏا، اچي ٿي احمدا اوڏا،
وهن نيڻن مان نيسارا، اچي رس يا رسول الله!

مڪان ڪان لامڪان تائين!

محمد مصطفيٰ، پهتو، مڪانَ ڪان لامڪانَ تائين،
سچو صلِ علي، پهتو، مڪانَ ڪان لامڪانَ تائين!

رسولِ پاڪ ٿي براق تي هسوار وهه وه اچ،
وڃي نورِ خدا پهتو، مڪانَ ڪان لامڪانَ تائين!

آتي پهتو، جتي جبريل جو پرواز ٿيو پورو،
بلاشڪ برملا پهتو، مڪانَ ڪان لامڪانَ تائين!

جڏهن "آقصيٰ" ۾ پهتو، ٿيو امام المرسلينَ تڏهين
امام الانبياءِ پهتو. مڪانَ ڪان لامڪانَ تائين!

ڪٿي ڪعبو، ڪٿي "آقصيٰ"، ڪٿي معمور جي منزل،
ڪٿي لااله ليوا، پهتو، مڪانَ ڪان لامڪانَ تائين!

خدائي دو جهانَ ٿيو ميزبانَ، محبوب مدنيءَ جو،
جڏهن صدرُ العُليٰ، پهتو، مڪانَ ڪان لامڪانَ تائين!

ستارن تي قطارون فرشتن جون آجيان ڪن ٿيون،
گهڙيءَ ۾ دل صفا، پهتو، مڪانؒ کان لامڪانؒ تائين!

”ڪليم الله“ کي فرمان ٿيو هو ”لن ترانيءَ“ جو،
مگر ماهِ لقا، پهتو مڪانؒ کان لامڪانؒ تائين!

”قمر“ ۽ شمس، تارن کان گهڻو اڳتي ويو عربي،
رسولِ مجتبيٰ پهتو، مڪانؒ کان لامڪانؒ تائين!

صاحب خان "سورهه" ميراڻي

Cell No: 0344 - 3919786

Cell No: 0300 - 3404488

ايڊمن : فيس بوڪ پيج ۽

Soorih Sindhi Adab

واٽس ايپ گروپ

ڪونجن جون قطارون

نروار ڪيو ڪيچ وڃن، خوب تنوارون —
ڪونجن جون قطارون،
سيني ۾ اٿن سوز ۽ سردار جون سارون —
ڪونجن جون قطارون!

پرواز ڪري سوز منجهان ساز وڄائن، —
سرندو بہ سڻائن،
خوشحال ٿيا ڪنپ اٿن تند ۽ تارون —
ڪونجن جون قطارون!

آواز عجب تن جو ۽ اعجاز عجب آ، —
انداز عجب آ،
دلدار جو ديدار ٿين، درد جو دارون —
ڪونجن جون قطارون!

مدهوش ۽ مفتون ۽ مخمور ڪيون ان —
مسرور ڪيون آن،
جنهن مير محمد جون اکيون سينگهہ سلارون —
ڪونجن جون قطارون!

اظهار اٿن احمدِ مختار سان الفت —
ايثار و عقيدت،
ڪنديون ٿيون وڃن پاڻ ۾ ٻرين جون پچارون —
ڪونجن جون قطارون!

الله جي محبوب تي صلوات پڙهن ٿيون —
هڪ پل نہ ڇڄن ٿيون،
ساهي نہ کڻن راهہ ۾، موڙن تي مياروں —
ڪونجن جون قطارون!

مڪ، سور ۽ هر حال ۾ گلفام رهن گڏ —
سڏ ۾ ٿيون ڏين سڏ،
ميثاق ۾ لالڻ جون اکيون تن کي لغارون —
ڪونجن جون قطارون!

ڪيڏي نہ پڪي پرت پرين پاڻ ۾ تن جي —
پر سوز پڪين جي،
هڪ ٻئي جون لهن ”لاکو“ ڇئي سارون سنڀارون —
ڪونجن جون قطارون!

اڄ احمدِ مختار جي دربار ۾ رسيون —
ديدار جون تسيون،
چڻ ڀيتيون سندن آس جي باغن ۾ بهارون —
ڪونجن جون قطارون!

وڌ شمس و ”قمر“ ڪان بہ ٿيو ماهِ مدينہ —
سو شاهِ مدينہ،
موڙي ٿو اهو مهر منجهان، تن جون مهارون —
ڪونجن جون قطارون!

عالم ڇا چئجي!

محبوب مٺي جي صورت جو، سينگار جو عالم ڇا چئجي،
سرهاڻ اچي ٿي زلفن جي، هٻڪار جو عالم ڇا چئجي!

ڪعبي جو خليل الله رکي، بنياد عجب تعمير ڪئي،
تعمير جو عالم ڇا چئجي، معمار جو عالم ڇا چئجي!

اَصنام شڪن آزاهه ۾ پيو، الله جو هي ارشاد ٿيو،
”يٰا نَارُ“ جو عالم ڇا چئجي، گلزار جو عالم ڇا چئجي!

محبوبِ خدا جو مان ٿيو ۽ خُلق سندس قرآن ٿيو،
آ پاڪ نبيءَ جي سيرت جو، اطوار جو عالم ڇا چئجي!

جنهن وقت رسولِ اڪرم کي، الله جو حاصل وصل ٿيو،
ان وقت سندس دل، ديدن جو، ديدار جو عالم ڇا چئجي!

مشڪوات محمد جو آ سينو ۽ قلب سندس ”مصباح“ ٿيو،
مصباح جو عالم ڇا چئجي، انوار جو عالم ڇا چئجي!

اي شاهِ عرب! سلطانِ عجم! فردوس کان تنهنجو روضو آتم،
محراب و منبر، مسجد جي، مينار جو عالم ڇا چئجي!

جنهن غار ۾ گڏجي گهاريو ٿي، بوبڪر محمد منڙي سان،
ان غار جو عالم ڇا چئجي، غمخوار جو عالم ڇا چئجي!

نوڪر کي نيٺي ٿو ڪَرهي تي، فاروق لهي ٿو پنڌ ڪري،
ان عدل جو عالم ڇا ڄاڻجي، رفتار جو عالم ڇا ڄاڻجي!

ﷲ سان آن واپار ڪيو، هن مسڪينن کي خوب ڏنو،
عثمان غنيؓ جي جود و سخا، واپار جو عالم ڇا ڄاڻجي!

هڪ رات چيو هو شاهِ اُمم، اڄ سيج تي ڪر آرام عليؓ،
آرام جو عالم ڇا ڄاڻجي، ايثار جو عالم ڇا ڄاڻجي!

تحرير لکي جا شيرِ خدا، ارشاد ٿيو هي سيني ڇڏ،
ارشاد جو عالم ڇا ڄاڻجي، انڪار جو عالم ڇا ڄاڻجي!

جنهن مردِ خدا کي لقب ڏنو آ سيدِ عالم سيف الله،
ان سيف جي آب و جوهر ۾ هر وار جو عالم ڇا ڄاڻجي!

شهِ ڪرب و بلا ۾ سِر ڏيئي، سرسبز ڪيو اسلام ائين،
مقتول جو عالم ڇا ڄاڻجي، تلوار جو عالم ڇا ڄاڻجي!

جو خود ئي جهازن کي ساڙي، اسپين ۾ پهتو طارق هو،
ان مرد مجاهد جي همت، ايثار جو عالم ڇا ڄاڻجي!

سينگار جي سمجهن سوريءَ کي، سِر ساهه جو سانگو ڪين رکن،
منصور جو عالم ڇا ڄاڻجي، ٻڻ دار جو عالم ڇا ڄاڻجي!

هي تنهنجا پڙهي اشعار "قمر"، هرڪو ٿو چئي سبحان الله،
آشعار جو عالم ڇا ڄاڻجي، انڪار جو عالم ڇا ڄاڻجي!

ميلادِ محمد ﷺ

ميثاق ۾ تـي محفلِ ميلادِ محمد — ﷺ
معبود ماهائي ٿو جڏهن يادِ محمد — ﷺ
اقــرار ڪيو انبيا، امــدادِ محمد — ﷺ
ارشادِ خدا آهه، جـو ارشادِ محمد — ﷺ
دنيا ۾ اگـر رحمتِ عالـم نه ٿئي ها،
هي آرض و سما، آنجم و آدم نه ٿئي ها!

آدم ڪان، فرشتن ڪان، گهڻو گهوٽ اڳـي هو،
جبروت جي جلون ڪان، گهڻو گهوٽ اڳـي هو،
"فردوس" ڪان، گلشن ڪان، گهڻو گهوٽ اڳـي هو،
ڪتين ڪان ۽ ٽيڙن ڪان گهڻو گهوٽ اڳـي هو،
ان وقت رسالت سان سرفــراز ٿيل هو،
جنهن وقت ۾ سنسار هي پيدا نه ڪيل هو!

محبوب مٺيادار تـــي، صلوات پـــڙهان ٿو،
محمود ۽ مهندار تـــي، صلوات پـڙهان ٿو،
سرتاج ۽ سردار تـــي، صلوات پـــڙهان ٿو،
مان احمدِ مختار تـــي، صلوات پڙهان ٿو،
صلوات پڙهي پاڻ ٿو، محبوب تي معبود،
خود حڪم خدا آهه "يُصَلُّوْنَ" جو موجود!

ڪير آهي جو هر شان ۾ ٿئي، شاهه اُمم جو،
الله! ڪنيو سُنهن آ، سندس جانِ آتم جو،
الله! ڪنيو سُنهن آ، سندس خاڪِ قدم جو،
الله! ڪنيو سُنهن آ، سندس چهري هشم جو،
"وَاللَّيْل" قسم زلفِ محمد جو عيانُ آ،
تعريف ٿي يٰسٓ ۾ "طٰهٰ" ۾ بيانُ آ!

تاجن جو ٿيو تاج، عيانُ تاجِ محمد ـــ ﷺ
خود ملڪ ٿيا "بدر" ۾ افواجِ محمد ـــ ﷺ
"قَوْسَيْنِ" ٿيو قرب ۾ مِنهاجِ محمد ـــ ﷺ
با جسم ۽ با چشم ٿيو معراجِ محمد ـــ ﷺ
آتُ پهتو، جتي ڪنهن جو ڪري فڪر نه ٿو ڪم،
جبريل جو پرواز ٿيو "سدرهٰ" تي ٿيو تم!

"حاميم" جي هر لفظ ۽ هر ڊار ڪان واقف،
الله! جي اسرار ۽ اخبار ڪان واقف،
"اسريٰ" جي ڳجهي راز ۽ اسرار ڪان واقف،
"اَوحيٰ" جي اشارات ۽ گفتار ڪان واقف،
الله! اڪين سان ڏٺو، احمدِ مختار،
مولا جو ٿيو عرش تي، مهمان مٺيادار!

توحيد جي تبليغ ڪئي، صُبحُ و مسا ٿي،
جن تير هنيا تن کي، ڪئي دل سان دعا ٿي،

جنهن آچليو ٻُهر، تنهن کي ٻيڻ پاڻ ويا ٿي،
سڀ بخش ڪيا ڏوهه ۽ خاطين جي خطا ٿي،
جنهن حمزي سڳوري کي ڪيو وحشي هو قتلام،
محبوب سڏي ان کي ڏني، دولت اسلام!

اڳ احمد مختار کان، هر طرف هو ڪفران،
ٿي وحشي پنهنجو ماس ٿي، انسان جو انسان،
خود ڪعبو هو بت خانو ۽ شادان هو شيطان،
عورت جي مٿان ظلم هو، هر وقت ۽ هر آن،
نروار نياڻين کي، دفن جيئري ڪندا ها،
اصنام، "قمر" شمس جا هو خاص بندا ها؟

ڪوڪب ۽ "قمر" شمس جو مشتاق مٿن نور،
لب نور، جبين[^] نور ۽ دندان و دهن نور،
سِر نور، اکيون نور ۽ هٿ پير مٿندن نور،
والله! حبيبن جو سمورو ئي بدن نور،
تحقيق سراپا هي، نور رحيم آ،
اخلاق نبي پاڪ جو، قرآن ڪريم آ!

○

معراجِ محمد ﷺ

تاجن جو ٿيو تاج، عيانؐ تاجِ محمد - ﷺ
خود ملڪ ٿيا بدر ۾، افواجِ محمد - ﷺ
"قَابَ قَوْسَيْنِ" ٿيو قرب ۽ منهاجِ محمد - ﷺ
با چشم ۽ با جسم هو معراجِ محمد - ﷺ
آت پهتو، جتي، ڪنهن جو ڪري فڪر نٿو ڪم،
جبريل جو پرواز هو "سدره" تي ٿيو تم!

سرتاج ۽ سردار جو، معراج بلاشڪ،
محبوب مٺيادار جو، معراج بلاشڪ،
محمود ۽ مهندار جو، معراج بلاشڪ،
پڻ احمدِ مختار جو، معراج بلاشڪ،
قرآن مان نروار آ، معراجِ محمد (ﷺ)،
الله جو اسرار آ، معراجِ محمد (ﷺ)!

اڄ رات جو انوار هي، معراجِ نبيؐ مان،
افلاڪ تي اذڪار هي، معراجِ نبيؐ مان،
دلدار جا ديدار هي، معراجِ نبيؐ مان،
سنسار جا سينگار هي، معراجِ نبيؐ مان،
الله جو اڄ عرش ٿيو، لوح و قلم خوش،
ادريس ۽ عيسيٰ ۽ ٿيا اقصيٰ، حرم خوش!

Soorth Mirani

جبروت جي جلون کان، گهڻو گهوٽ مٿي هو،
معمور جي مسڪن کان، گهڻو گهوٽ مٿي هو،
فردوس کان، گلشن کان، گهڻو گهوٽ مٿي هو،
حورن کان، فرشتن کان، گهڻو گهوٽ مٿي هو،

ڪوڪب ۽ "قمر" شمس کي مشتاق ڪيائين،
الله تعاليٰ کي اکين سان ڏٺائين!

○

Soorih Mirani

رحمة للعالمين

ٻاک ڦٽيءَ جو آيو عربي، مير محمد صلي الله،
سائينءَ طرف سڏي ٿو سڀ کي، احمد داعيٌ الي الله،
نور خدا جو چمڪيو چوڏس، سرور ڄام سراج الله،
هر جا آهن تند تنوارون، لا الله الا الله،

ڪنهن خوشيءَ مان چمڪي چوڏس، برسيو بيشڪ ابر عظيم،
آيو آهي رحمتِ عالم، قاسمِ ڪوثر پاڻ ڪريم!

ٻيڄ ٻنيءَ جو بادل برسيا، ٻاجهئون ٻارهينءَ شب - آو يار،
آندو احمد ڄام کي آهي، رحمتِ شامل رب - آو يار،
دنيا هن کي هردم هنڌي، جنهن جي تات طلب - آو يار،
مهسين پڙهج صلواتون آن تي، "لا ڪا" چوري لب - آو يار،

ڪنهن خوشيءَ مان چمڪي چوڏس برسيو بيشڪ ابر عظيم،
آيو آهي رحمتِ عالم، قاسمِ ڪوثر، پاڻ ڪريم!

جنهن جي اچڻ مان ڦاٽو آهي، باطل جو اڄ ٻَپ" - او يار،
سينهن آئا اڄ مارونڙا، سرها ٿيڙا سڀ - او يار،

Soorth Mirani

ڏا ڻ ٽڙيا خوب ڏهن تي، آهي برسيو آپ - او يار،
وليون، وڻ ٽڻ، ڪپڙ ڪٽوريا، ڳم ۾ ڳنڍيو ۾ ڳپ - اويار!

ڪنوڻ خوشيءَ مان چمڪي چوڏس بيشڪ برسيو ابر عظيم،
آيو آهي رحمتِ عالم، قاسمِ ڪوثر پاڻ ڪريم!

ڪڪرن ڪارونڀار هي ڪيڙا، آهه آتر ڏي آپ - او يار
واحد جي اڄ وسڪارن سان، ٻريا ڪاما، ڪنب - او يار،
بوند برهه جا ٻريا آهن، ڪُنهنا ڪُنهنا ڪُنب - او يار،
جنهن جي فيض سان ڦو ڳ ڦٽا اڄ، ٽرين ڪارڻ ٽب - او يار،

ڪنوڻ خوشيءَ مان چمڪي چوڏس، بيشڪ برسيو ابر عظيم
آيو آهي رحمتِ عالم، قاسمِ ڪوثر پاڻ ڪريم!

وَس وَس واحد جا وسڪارا، لمحو مور نہ ليٽ ٿئي،
چيٽ بهار جي موسم ٿئي سان، بادل جي ڪٽ پيٽ ٿئي،
ڪنگ ۽ آڙيءَ، نير ڳهه جي پڻ، ٻاجهئون ٻولي ٻيٽ ٿئي،
ٽڙيءَ ڦڙيءَ مان موتي ٻنجن، پاڪ ٿو سپ جي پيٽ ٿئي،

ڪنوڻ خوشيءَ مان چمڪي چوڏس، بيشڪ برسيو ابر عظيم،
آيو آهي رحمتِ عالم، قاسمِ ڪوثر پاڻ ڪريم!

آڳم جا ٿيا اپرم آهن، ڪنگرا، ڪارا ڪوٽ ڪڙا،
وچڙين جا واڄ وسڻ جي خاطر، چريا آهن چنگ چڙا،
ائين هلن ٿا ٻرجي بادل، گنجرئين جهڙيءَ ريت گهڙا،
ويڙهيچن تي واه وسايا، مالڪ مهرئون مينهن ڳڙا،

ڪنوڻ خوشيءَ مان چمڪي چوڌس، بيشڪ برسيو ابر عظيم،
آيو آهي رحمتِ عالم، قاسمِ ڪوثر پاڻ ڪريم!

سارنگ چڙهيو سيج تي آهي، خوب ٿي سونهين ڪٽ - او يار
ويس وسڻ جا پاڻي ڪڪرين، مهرئون ڪنيڙا مٽ - او يار،
ساز ۾ سُرندا وڄن سما ۾، نينهن نشيلا نٽ - او يار،
هارين ڪيڙيا هيج منجهارئون، پرتون پائر پٽ او يار،

ڪنوڻ خوشيءَ مان چوڌس چمڪي، بيشڪ برسيو ابر عظيم،
آيو آهي رحمتِ عالم، قاسمِ ڪوثر پاڻ ڪريم!

صاحب خان "سورهه" ميراڻي

Cell No: 0344 - 3919786

Cell No: 0300 - 3404488

ايڊمن : فيس بوڪ پيج ۽

واٽس ايپ گروپ

Soorih Sindhi Adab

دم ٽين پورا

چائنٽ چمندي، چمندي دم ٽين پورا،
دم ٽين پورا، ڪم ٽين پورا.

ڪيان ورد ويهي، پرين پسان پيهي،
پرين پسندي، پسندي، دم ٽين پورا،
دم ٽين پورا، ڪم ٽين پوراه

مديني ۾ ويندس، گهٽيون روز گهمندس،
گهٽيون گهمندي، گهمندي، دم ٽين پورا.
دم ٽين پورا، ڪم ٽين پوراه

عرب ڪلها ڏيندا، منهنجا ڪانڊي ٽيندا،
ڪلمون ڪهندي، ڪهندي، دم ٽين پورا،
دم ٽين پورا، ڪم ٽين پوراه

ڪندا دفن ڪانڊي، پرينءَ جي پيراندي،
آتي لهندي، لهندي، دم ٽين پورا،
دم ٽين پورا، ڪم ٽين پوراه

ڪتان پاڻ پلبو، هتان هاڻ هلبو،
"قمر" هلندي، هلندي، دم ٽين پورا،
دم ٽين پورا، ڪم ٽين پورا.

روضي پاڪ رسجي

مديني هلڻ جي، ڪيو سڀ تياري،
ڪيو سڀ تياري، جتي ٻوندباري....

ڪراچيءَ ڪان ڪاهي، هلون هتي ڇاهي،
منارن ڏسڻ جي، ڪيو سڀ تياري....
ڪيو سڀ تياري، جتي ٻوندباري!

روضي پاڪ رسجي، ٻرين پنهنجو ٻسجي،
ٻرينءَ جي ٻسڻ جي، ڪيو سڀ تياري....
ڪيو سڀ تياري، جتي ٻوندباري!

مديني ۾ گهمجي، گهمي چائنٺ چمجي،
سو چائنٺ چمڻ جي، ڪيو سڀ تياري....
ڪيو سڀ تياري، جتي ٻوندباري!

پيئن ساڻ زم زم، لهي ويندا سڀ غم،
جو زم زم پيئڻ جي، ڪيو سڀ تياري....
ڪيو سڀ تياري، جتي ٻوندباري!

چئي "قمر" قريب، هلي ٻسجي حبيب،
صلواتن پڙهڻ جي، ڪيو سڀ تياري....
ڪيو سڀ تياري، جتي ٻوندباري!

سيد المرسلين صلي الله عليه وسلم جي ساراهه ۾
مثنوي مبارڪ!

شروع ان جي نالي سان هي ۽ ست سليم،
جو الله! رحمان، آهي رحيم!

ڪيان پهنجي آقا جو اڪرام ٿو،
محمد مٺي جو، وٺان نـــام ٿو.

محمد مٺي تي، سدا پڙهه صلوات،
محمد مـــٺـو، سرور ڪائنات!

محمد مٺي جو، مٺو نـام آهـــه،
محمد سندو دين اسلام آهـــه!

محمد جو قـــرآن، امّ الڪتاب،
محمد جو فرقـــان، امّ الڪتاب!

محمد جو اخلاق، قـرآن پـاڪ،
محمد مٺي جي ٿي، هر جاءِ هاڪ!

امّ عائشه جو، هي فرمان آهه،
محمد سندو، خُلق قـــرآن آهه!

محمد جي سيرت ۽ صورت مٺي،
محمد مٺي جـــي آ، مدحت مٺي!

محمد مٺي جـي، مٺي آ مقال،
محمد مٺي جو، مٺو "قال! قال"!

محمد تي رب ۽ ملائڪ سڀدس،
پڙهن پرت مان ٿا، صلواتون سرس!

محمد مٺي تان، فدا جان و مال،
محمد مٺي تان، فدا گهر، عيال!

محمد جو قـرآن، قـائم سدا،
محمد سندو ديـن، دائم سدا!

محمد مـٺـو، خاتـم الانبيا،
محمد مـٺو، مصطفىٰ، مجتبيٰ،

محمد مٺو رب جـو محبوب آ،
محمد ئـي مقصود، مطلوب آهه!

محمد مـٺـو نـور الله جـو،
جو "قد جاءَ ڪم" جو آتاڪيد ٿيو!

محمد مٺي جو ڪيو ذڪر رب،
محمد مٺي جـو، عجم ۽ عرب!

محمد مٺو ارض، افـلاڪ ۾،
محمد مٺو مينهن ۽ مـاڪ ۾!

محمد مٿو آ، مٿي اسم سان،
محمد جو معراج هو جسم سان!

محمد آ سرتاج، ثقلين جو،
محمد ڏٺي "قاب قوسين" جو!

محمد جو الله! عاصم* سدا،
محمد جو جبريل خادم سدا!

* "عاصم" نگهبان.

محمد جو افلاڪ کي اشتياق،
محمد جو مرڪب، بلاشڪ براق!

محمد خدا سان ملاقات ڪئي،
محمد سان "اوحيٰ" ڳجهي بات ڪئي!

محمد جا فطرت تي آهن آصول،
محمد رسولن جو آهي رسول!

محمد مٿو آ، بشيرو نذير،
محمد مٿو آ، سراجاً منير!

محمد مٿو آهه، روشن ڏيئو،
محمد مٿي جو نه پاڇو هيو!

محمد منهنجي جو، پڪهر نور آهه،
محمد سڳنڌ ساڻ پرپور آهه!

محمد منهنجو سونهن ۽ آفتاب،
محمد منهنجي جو نه مٽ ماهتاب!

محمد منهنجي جا، عجب معجزا،
محمد منهنجي جا، ارب معجزا!

محمد جو وڻڪار ۾ واس آهه،
محمد جو گلزار ۾ واس آهه!

محمد منهنجو سڀ کان آهي حسين،
محمد منهنجو رحمة عالمين!

محمد منهنجو آ، رحيم و ڪريم،
محمد منهنجو آ، عليم و حليم!

محمد منهنجي جو، مدينو گهمان،
محمد جي چائنٽ، چپن سان چمان!

محمد جي گولن جو آهيان غلام،
محمد منهنجي تي صلواتون، سلام!

محمد جا اصحاب، پيارا سڀئي،
محمد جا روشن، ستارا سڀئي!

هي قرآن ۾ آهي، رب جو ڪلام،
محمد جي گستاخ، جو ٻچ حرام!

محمد مٺي جو وردُ نام ڪر،
محمد جي عزت ۽ اڪرام ڪر!

محمد جو گستاخ "بولهب" ٿيو،
ڀڳا هٿ ابولهب، جا رب چيو!

محمد جي پاران چيو خود خدا،
۽ سورة شان آئي "تبت يدا"،

محمد جو بوجهل ٿيو بي ادب،
ڪيو تنهن کي ناشاد نابود رب!

محمد محمد، ڪندي دم ڏيان،
محمد جي پاڙي، دفن شل ٿيان!

محمد مٺي جو، هي شام و سحر،
محمد مٺي جو، هي لاکو "قمر"!

محمد مٺي جي ثنا نت ڪري،
محمد جي ڪوثرمنجهان ڍُڪ ڀري!

محمد جي دامن ۾ هٿڙا هجن،
محمد تان شمس و "قمر" گهورجن!

"صلي الله عليه و سلم"

Soorih Mirani

محمد ﷺ

اُتم شانُ آهي، اوهان جو محمد!
۽ سبحانُ آهي، اوهان جو محمد!

سو فرمان خالق جو آهي بلاشڪ،
جو فرمان آهي، اوهان جو محمد!

سو توريت، انجيل کان شان ۾ وڏ،
جو قرآن آهي، اوهان جو محمد!

رسولن ۽ ملائڪن ۽ جبريل کان پڻ،
مٿي مانُ آهي، اوهان جو محمد!

خدا پاڪ خالق، جو معبود مالڪ،
ثنا خوان آهي، اوهان جو محمد!

سو دارا سڪندر کان اعليٰ ۽ افضل،
جو دربان آهي، اوهان جو محمد!

ابوبڪر، فاروق، عثمان و حيدر،
فدايان آهي، اوهان جو محمد!

هي گلزار فردوس، لوح و قلم سڀ،
گلستان آهي، اوهان جو محمد!

”قمر“ سج، ستارن ۾ جلوو ۽ جرڪو،
۽ تابان آهي، اوهان جو محمد!

”قمر“ نعت خوانن ۾ شامل ڪيو ڏنو
هي احسان آهي، اوهان جو محمد!

صلی الله علیه وسلم

○

سرتاج سونهارو

محمد مصطفىٰ صلِ عليٰ، سرتاج سونهارو،
رسولِ مجتبىٰ، صلِ عليٰ، سرتاج سونهارو!

خدا ۽ فرشتا جنهن تي، پڙهن صلوات سونهاري،
اهو نورِ خدا، صلِ عليٰ سرتاج سونهارو!

شبِ معراج، اقصىٰ ۾، امامت انبيا جي ڪئي،
امام الانبيا، صلِ عليٰ، سرتاج سونهارو!

گلابي گل ۽ پوڙن مان، اچي ڦوواس وڻ وڻ مان،
نبي نورالهدىٰ، صلِ عليٰ، سرتاج سونهارو!

غمن گهيرو ڪيو آهي، غمن جو غم "قمر" ناهي،
سندم حاجت روا صلِ عليٰ، سرتاج سونهارو!

○

مير محمد ﷺ

مير محمد مصطفيٰ، رحمت ڪل جي ڪاڻ،
مير محمد مصطفيٰ، صل عليٰ سروڻ،
مير محمد مصطفيٰ، عالم جو اڳواڻ،
مير محمد مصطفيٰ، پنهنجو نسي مت پناڻ،
مير محمد مصطفيٰ، سونهين صحابن ساڻ،
مير محمد مصطفيٰ، ساوڪ ڪئي سرهاڻ،
مير محمد مصطفيٰ، خوب ڪٿوريءَ ڪاڻ،
مير محمد مصطفيٰ، اڳين جو آهڃاڻ،
مير محمد مصطفيٰ، پوين جو پڙياڻ،
مير محمد مصطفيٰ، سالڪ سرس سڄاڻ،
مير محمد مصطفيٰ، ڪامل جا ڪلياڻ،
مير محمد مصطفيٰ، ڄاڻڻهارو ڄاڻ،
مير محمد مصطفيٰ، چوڏس ڪئي ڇانوڻ،
مير محمد مصطفيٰ، واسيا سڀ وٿاڻ،
مير محمد مصطفيٰ، بهتر ڪيڙا ڀاڻ،
مير محمد مصطفيٰ، نرمل نينهن نواڻ،
مير محمد مصطفيٰ، مهرئون ڪئي ماڻهاڻ،

مير محمد مصطفىٰ، جانب جيئي جيان،
مير محمد مصطفىٰ، اڳ ٻـــه هئو ۽ هاڻ،
مير محمد مصطفىٰ، رحـمـت روح رهــاڻ،
مير محمد مصطفىٰ، عشقشون دل ۾ آڻ،
مير محمد مصطفىٰ، ميان دل سان مــاڻ،
مير محمد مصطفىٰ، لـعـل كثي لالاڻ،
خالق پڙهي ٿو پاڻ، "قمر" صلوات كريم تي!

○

وس وس، ککر وس.

جتي نبي، اتي وس، وس وس ککر وس،
وس وس، ککر وس، پرين مديني جا پس!

وس، وس اتي جام، جتي مديني جو ڄام،
جتي نبي اتي وس، وس وس، ککر وس!

وس، وس، اتي وير، جتي مديني جو مير،
جتي نبي اتي وس، وس وس، ککر وس!

وس، وس، اتي واھہ، جتي مديني جو ماھہ،
جتي نبي اتي وس، وس وس، ککر وس!

وس، وس، بنا مٿنهہ، جتي مديني جو چنڊ،
جتي نبي اتي وس، وس وس، ککر وس!

وس، وس، اتي چوٽ، جتي مديني جو گهوٽ،
جتي پرين، اتي وس، وس وس، ککر وس!

وس، وس، اتي بونـد، جتي هميشه هونـد،
جتي پرين اتي وس، وس وس، ککر وس!

وس، وس، جٿي "قمر"، جتي سڄڻ آهي سَرَ،
جتي پرين اتي وس، وس وس، ککر وس!

جتي مديني جو جام

هلو! هلون! ات پينر، جتي مديني جو جام،
جتي مديني جو جام، پڙهي صلواتون سلام!

تري سمونڊ جي سير، ڏسون مديني جو مير،
هلو! هلون! ات پينر، جتي مديني جو جام!

ڏسي روضي ۾ رسول، پڙهون ڪلمون قبول،
هلو! هلون! ات پينر، جتي مديني جو جام!

ڏسي منارا مجيد، ٿئي اکين کي عيد،
هلو! هلون! ات پينر، جتي مديني جو جام!

"قمر" هلي هتان هاڻ، جمون چانئڻ چپن ساڻ،
هلو! هلون! ات پينر، جتي مديني جو جام!

⊙

آيو گهوٽ عربي!

آيو گهوٽ عربي، غنچا، گل ٽڙن،
غنچا گل ٽڙن، ڀريو ڀؤنر ڀرن!

ٽليو ٽارين تي، پکيئڙا لات لنئون،
آيو گهوٽ عربي، غنچا گل ٽڙن!

صلواتون سج تي، پرتئون سڀ پڙهن،
آيو گهوٽ عربي، غنچا، گل ٽڙن!

ڪرم سين ڪڪر ٿيا، ٿڌڙا مينهن وسن،
آيو گهوٽ عربي، غنچا، گل ٽڙن!

لاَ اِلٰهَ اِلاَّ اللهُ، ڪلون سڀ ڪهن،
آيو گهوٽ عربي، غنچا، گل ٽڙن!

صلي الله عليه وسلم، قربئون ورد ڪجن،
آيو گهوٽ عربي، غنچا، گل ٽڙن!

"قمر" سج، تارا، ان جسا پير چمن،
آيو گهوٽ عربي، غنچا، گل ٽڙن!

آيو مديني جو ڄام

حورن آندا آهن هار، آيو مديني جو ڄام،
آيو مديني جو ڄام، پڙهو صلواتون سلام!

واجد، مينهن وسائيا، جهڙ ٿيو آهي جام،
حورن آندا آهن هار، آيو مديني جو ڄام!

وڻ، وڻ منجهان واس، اچي ٿو سڀ کي عام،
حورن آندا آهن هار، آيو مديني جو ڄام!

پنهنجي اُمت پار ڪندو، سڀئي جنهنجي آهيون سام،
حورن آندا آهن هار، آيو مديني جو ڄام!

”قمر“ لاڪو جنهن جو، آهي گولو ۽ غلام،
حورن آندا آهن هار، آيو مديني جو ڄام!

پرين پسڻ ٿي وڃان!

سرتيون مون کي سڌ ٿيو آ، پرين پسڻ ٿي وڃان،
پرين پسڻ ٿي وڃان، او نبي ڏسڻ ٿي وڃان!

عيبن پريون کٽي لا، آجي ٿيڻ ٿي وڃان،
سرتيون مون کي سڌ ٿيو آ، پرين پسڻ ٿي وڃان!

"روضي پاڪ رسول جي"، چانئٺ چمڻ ٿي وڃان،
سرتيون مون کي سڌ ٿيو آ، پرين پسڻ ٿي وڃان!

گهوٽ نبيءَ جي وڻن جو، واس وٺڻ ٿي وڃان،
سرتيون مون کي سڌ ٿيو آ، پرين پسڻ ٿي وڃان!

"قمر" ڀاڳ ڪريم کي، پيرين پوڻ ٿي وڃان،
سرتيون مون کي سڌ ٿيو آ، پرين پسڻ ٿي وڃان!

Soorh Mirani

ڪيون ڪعبي جو طواف

هي آ ”زم زم“ هي آ ڪعبو، ڪيون ڪعبي جو طواف،
ڪيون ڪعبي جو طواف، چمون اسود ۽ غلاف!

پيئن سان ”زم زم“، لهي ويندا سڀ غم،
هي آ ”زم زم“ هي آ ڪعبو، ڪيون ڪعبي جو طواف!

”صفا“ ”مروه“ ڊوڙون، لهن دل جون لوڙون،
هي آ ”زم زم“ هي آ ڪعبو، ڪيون ڪعبي جو طواف!

هي آ رحمت، جبل نور، ڏٺي ڏڪڙا ٿيا ڏور،
هي آ ”زم زم“ هي آ ڪعبو، ڪيون ڪعبي جو طواف!

”قمر“ هي آ، عرفات، هتي ”لبيڪ“ جي آ تات،
هي آ ”زم زم“ هي آ ڪعبو، ڪيون ڪعبي جو طواف!

○

روضي ﷺ رسول ﷺ

هي آ مسجد، هي محراب، هي آ روضي ﷺ رسول،
هي آروضي ﷺ رسول، پڙهو ڪلمون قبول!

هن نبي منيءَ لڌو مان، هتي لٿو آ قرآن،
هي آ مسجد، هي محراب، هي آ روضي ﷺ رسول!

هتي قربن جا هي ڪوٽ، هي آ مديني جو گهوٽ،
هي آ مسجد، هي محراب، هي آ روضي ﷺ رسول!

هتي صبح، توڙي شام، پڙهن صلواتون، سلام،
هي آ مسجد، هي محراب، هي آ روضي ﷺ رسول!

"قمر" پاڻ ڪريم هيءُ، رحمت آهي رحيم هيءُ،
هي آ مسجد، هي محراب، هي آ روضي ﷺ رسول!

⊙

آڪار تون

سڏڙا سٺي هيءَ منهنجا، سکهو لهج سار تون،
سکهو لهج سار تون، نه وارث وسار تون!

هيءَ پيڙي پرائي، ۽ هر طرف پاڻي،
سچن ترت تار تون، اسان کي آڪار تون،
سڏڙا سٺي هي منهنجا!

اسان سير ۾ سپ، وڏيءَ وير ۾ سپ،
پرين واڳ وار تون، ڪناري ڪار تون،
سڏڙا سٺي هي منهجنا!

”قمر“ لاکو بندڙو، گنهگار گندڙو،
خطا درگذار تون، اسان کي آجار تون،
سڏڙا سٺي هي منهنجا!

⊕

مصنف جا ٻيا ڪتاب

(١) جمال مصطفيٰ ﷺ، (٢) آخرت جي ڳوڙهن، (٣) دربار مدينه، (٤) دربار ڪربلا، (٥) جواهرالقمر، (٦) ديوان قمر، (٧) سڄڻ آيو سهنج ٿيا، (٨) القول الاظهر، (٩) فضائل القرآن، (١٠) آءُ نه گڏي ورين ڪي، (١١) تندون جي طلب جون، (١٢) گهايا گهڻا گهوٽ، (١٣) ڪٽي نيڻ خمار مان، (١٤) محبت جي ميدان ۾، (١٥) روضي پاڪ رسول جي.

انهيءَ کان سواءِ اسان جي اداره جا ٻيا ڇپايل ڪتاب

(١) **ڪمپائونڊر گائيڊ** جنهن جو هر گهر ۾ موجود هئڻ ضروري آهي. قيمت **16-00**

(٢) **سنڌي تعارف گرامر:** (صرف نحو، نثر ۽ نظم) شاگردن لاءِ خاص طرح ۽ عوام جي استفادي لاءِ پڻ مفيد آهي. قيمت **20-00**

انهيءَ کان سواءِ بي شمار آکاڻين، افسانن، ناولن، تاريخي، مذهبي، فني ۽ معلوماتي ڪتاب پڻ ملي سگهن ٿا.

ملڻ جو هنڌ:

احباب پبليڪيشنس

اردو بازار - ڇونڪي گهٽي - حيدرآباد

اصحاب تنهنجا سڀ ڀلارا، سڀ ڀلارا، ڀاڳ وارا،
سنسار لئي سڀئي ستارا، پڙهندا رهن تو تي پيارا،
يا نبي سلام عليڪ، يا رسول سلام عليڪ،
يا حبيب سلام عليڪ، صلوات الله عليڪ!

اعليٰ سڀئي اعمال تنهنجا، روشن ڏيئو اقوال تنهنجا،
”توريت“ ۾ امثال تنهنجا، ”انجيل“ ۾ احوال تنهنجا،
يا نبي سلام عليڪ، يا رسول سلام عليڪ،
يا حبيب سلام عليڪ، صلوات الله عليڪ!

تئين رحمة للعالمين ﷺ تون، پڻ خاتم المرسلين ﷺ تون،
يا محمّد مه جبين ﷺ تون، راحت للعاشقين ﷺ تون،
يا نبي سلام عليڪ، يا رسول سلام عليڪ،
يا حبيب سلام عليڪ، صلوات الله عليڪ!

تون بشير ۽ نذير مرسل، تون سراج ۽ منير مرسل،
تون سميع ۽ بصير مرسل، تون مرسلين ﷺ جو مير مرسل،
يا نبي سلام عليڪ، يا رسول سلام عليڪ،
يا حبيب سلام عليڪ، صلوات الله عليڪ!

شمس و قمر تنهنجا سلامي، حجر و شجر تنهنجا سلامي،
جنّ و بشر تنهنجا سلامي، شام و سحر تنهنجا سلامي،
يا نبي سلام عليڪ، يا رسول سلام عليڪ،
يا حبيب سلام عليڪ، صلوات الله عليڪ!

Soorih Mirani

محمد ﷺ جي حياتي

تطهير ڪان، تطهير، محمد جي حياتي،
انسان لئي اڪسير، محمدؐ جي حياتي!

الله ڇيو، ڇئج تون، الله آ هڪڙو،
توحيد جي تنوير، محمدؐ جي حياتي!

جنهن عمر مبارڪ جو ڪنيو قسم آ خالق،
سنسار لئي توقير، محمدؐ جي حياتي!

اخلاق نبي پاڪ جا ٿيا، "خُلُقِ عظيم" سي،
قرآن جو تفسير، محمدؐ جي حياتي!

انسان جا اجسام ۽ ارواح ٿيا خوش،
هيئڙي لئي تدّي هير، محمدؐ جي حياتي!

جنهن ڪاڻ جُڙي، جوڙ آها خلق سندي ٿي،
تمهيد ۽ تسخير، محمدؐ جي حياتي!

فردوس، سماوات، زمينَ ڪاڻ ٿي زينت،
بنياد ۽ تعمير، محمدؐ جي حياتي!

ڪوڪب ۽ "قمر" شمس، ستارن ۾ ڪئي سونهن،
تقديس ۽ تشهير، محمدؐ جي حياتي!

(صلی الله عليه و آله، و صحبه، و سلم)

نيو گرين پرنٽرس، حاجي شاد ڇونڪ، صدر - حيدرآباد.

صاحب خان "سورھ" ميراڻي

Cell No: 0344 - 3919786

Cell No: 0300 - 3404488

ايڊمن : فيس بوڪ پيج ۽

Soorih Sindhi Adab

واٽس ايپ گروپ